ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO -2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) اربع 21 جنوري 2026ع ڇهربن شعبان المعظم 1447 ھ صفحا 6 - ملھہ 30 ويہہ شمارو (159)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

فاٽا ۾ حڪومت جي سرپرستيءَ هيٺ سيڪيورٽي فورسز جو آپريشن جاري رکڻ جو اعلان، دهشتگردن جو مڪمل خاتمو آڻبو: وزير دفاع

18هين ترميم دوکو ثابت ٿي، سمورا اختيار صوبائي حڪومت ڏانهن منتقل ڪيا ويا آهن: وفاقي حڪومت

لوهان جي حڪومت کي دهشتگردن خلاف ڪارروائي جو موقعو ڏنو ويو ۽ لوهان جي حڪومت نہ پنهنجن مفادن پويان لڳي وئي. سيڪيورٽي فورسز لتي آپريشن ڪري رهي آهي جتي دهشتگرد موجود آهن
اتفاق راءِ اهو هو تہ لوڪل گورنمينٽ کي اختيار ڏنا وڃن. گوادر کان گلگت تائين هڪ جهڙو تعليمي نصاب هجي. ڪراچي ۾ پيش آيل واقعا ان ڳالهہ جي گهر ڪن ٿا تہ اختيار هيٺين سطح تي منتقل ڪيا وڃن
جيسٽلين عولہ، کي اختيار منتقل نہ ڪندلسين ٿيستائين هي ايوان بي معنيٰ رهندو. سنڌ، ڏسو تہ جلهن بہ بڪتيتو آيل آهن تہ انهن بااختيار لوڪل گورنمينٽ متعارف ڪرائي ملڪ ۾ چونڊون ڪرايون
حڪومت تحريڪ انصاف سان ڳالهين ۾ سنجيدہ آهي، پر پي ٽي آءِ ڳالهين ۾ سنجيدہ نہ آهي. چوتہ پي ٽي آءِ چار پنج بوليون ڳالهائي ٿي. ڪڏهن فرينچ، ڪڏهن انگريزي، پنجابي ۽ اردو ۾ هو ڳالهائين ٿا
جيڪي ماڻهو باهر ويهي گار گند ڪن ٿا، سڀ کان پهرين انهن جي زبان بند ڪرڻ ضروري آهي. باهر ويهي جيڪي ماڻهو پاڪستان خلاف ڳالهائين ٿا، اهو انهن جي مرضي سان نہ پر باقاعدہ حڪمت عملي تحت ٿي رهيو آهي
پي ٽي آءِ بئڪ ٽريڪ ڪرڻ ۽ ترميمي ڪرڻ لاءِ پهنجي لاءِ جڳهہ رکڻ چاهي ٿي، اهو رڳو پي ٽي آءِ جي نيت جو فتور آهي. جيڪڏهن نيت هجي نہ ڳالهيون بہ ٿي سگهن ٿيون ۽ نتيجا بہ نڪري سگهن ٿا: خواجہ آصف جو اجلاس ۾ خطاب

اسلام آباد (اي پي پي) بجاءِ واري وفاقي وزير خواجہ محمد آصف قومي اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ پنهنجن خيالن دوران بار بار گوڙ ڪرڻ تي ايم اين اي وليد اقبال کي | چئي انداز ۾ جواب ڏيندي چيو تہ فاٽا ۾ حڪومت جي سرپرستيءَ هيٺ سيڪيورٽي | فورسز آپريشن ڪري رهي آهي ۽ دهشتگردن جي خاتمي تائين ڪندي | رهندي گڏريل ڏينهن قومي اسيمبليءَ جي بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

افغان سرزمين تان پاڪستان خلاف دهشتگردي ٿي رهي آهي، دهشتگردن جي خاتمي تائين سُک سان نہ ويهنداسين: وزيراعظم

ڪوڙ ۽ پروپيگنڊہ جي بنياد تي نوجوانن جي ذهنن ۾ زهر اوتڻ بدقسمتي آهي. ڪجهہ صوبن اين ايف سي ۾ ملندڙ وسيلن مان فائدو کڻي پرپور ترقي ڪئي پر خيبرپختونخوا ۾ اها نظر نہ ٿي اچي
چئني صوبن جي ترقي سان پاڪستان اڳتي وڌندو. سوشل ميڊيا تي شهيدن جي قربانين جي توهين ڪري سرحد پار دشمن جي آواز سان آواز ملايو وڃي ٿو. ڪي پي ڪي کي دهشتگردي خلاف 800 ارب رپيا ڏنا
افغانستان جي عبوري حڪومت اسان جي هڪ نہ ٻڌي، پر انهن کي سبق سيکاريو. هاڻي انهن کي فيصلو ڪرڻو آهي تہ پرامن پاڙيسري جي طور تي رهڻو آهي يا نہ. اسان جي پهرين ترجيح امن جو قيام آهي
افغان شهرين جي مهمان نوازي ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏي. اهو بطور مسلمان ۽ پاڙيسري، اسان جو فرض هو پر نتيجي ۾ پاڪستان ۾ ڪلاشنڪوف ڪلچر آيو. دهشتگردي کر ڪنهن جنهن ۾ هزارين بيگناہ شهيد ٿيا
اي پي ايس سانحي کانپوءِ سياسي حڪومت فيصلو ڪيو تہ هاڻي گهہ ۽ بيو طالبان جو ڪر ٿرڻ نہ آهي. هڪ لک نوجوانن، آفيسرن ۽ عام شهرين جي قربانين سبب دهشتگردي جو خاتمو ٿيو پر ان ناسور 2018ع کانپو ٻيهر ڪر چو ڪنيو
1971ع جي جنگ ۾ رضاڪاراڻي طور تي افغانستان سان ترانزٽ ٽريڊ بند ڪري ڇڏي. الله تعاليٰ خيبرپختونخواھ کي معدنيات جي دولت سان نوازيو آهي. اهي وسيلا اسان جي عوام جي ڀلائي لاءِ خرچ ٿيڻ گهرجن ها: قومي ورڪشاپ ۾ خطاب

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ڪوڙ ۽ پروپيگنڊہ جي بنياد | تي نوجوانن جي ذهنن ۾ زهر اوتڻ کي بدقسمتي قرار ڏيندي چيو آهي تہ ڪجهہ | صوبن اين ايف سي ۾ ملندڙ وسيلن مان فائدو کڻي پرپور ترقي ڪئي پر | خيبرپختونخواھ ۾ اها نظر نہ ٿي اچي، چئني صوبن جي ترقي سان پاڪستان اڳتي | وڌندو سوشل ميڊيا تي شهيدن جي قربانين بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف خيبرپختونخواھ بابت نيشنل ورڪشاپ ۾ خطاب ڪندي

پاڪستان چڱن سالن کان پوءِ عالمي بانڊ مارڪيٽ ۾ واپسيءَ لاءِ تيار آهي: ناڻي وزير

حڪومت ان ڳالهہ جو جائزو وٺي رهي آهي تہ ڊالر يورو يا اسلامي سڪوڪ بانڊ جاري ڪيا وڃن: محمد اورنگزيب

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي ۽ محصولن | واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب | بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ اسلامي ترقياتي بئنڪ وچ ۾ 603 ملين ڊالرن جي 3 معاهدن تي صحيحيون

اهي معاهدا ايم6 سکر- حيدرآباد موٽروي منصوبي، انتهائي غربت ۽ ٻوڏ سبب متاثر جي معاونت لاءِ هوندا
پاڪستان ۽ بئنڪ وچ ۾ انتهائي غربت ۽ ٻوڏ سبب متاثر گهراڻن جي غربت کان نجات واري منصوبي جو معاهدو بہ طئي
اسلامي ترقياتي بئنڪ جي نائب صدر پاڪستان سان گڏيل دلچسپي جي شعبن ۾ سهڪار کي وڌيڪ سگهہ ڏيڻ جو خواهشمند آهي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ۽ اسلامي ترقياتي بئنڪ وچ ۾ تقريبن 603 | ملين آمريڪي ڊالرن جي 3 معاهدن تي صحيحيون ڪيون ويون آهن اهي معاهدا | ايم 6 سکر- حيدرآباد موٽروي منصوبي بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير احد خان چيمہ ۽ وفاقي وزير سيد عمران احمد شاھ جي موجودگي ۾ اسلامڪ ڊوليپمينٽ بئنڪ ۽ گورنمينٽ آف پاڪستان وچ ۾ ڊاھ تي صحيحون ٿي رهيون آهن

قومي اسيمبلي اجلاس ۾ وراثت ۾ عورتن کي حق ڏيڻ لاءِ آئيني (ترميم) بل 2026ع پيش

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

بي آءِ ايس پي چيئرپرسن پاران ڪراچي گل پلازا ۾ پيش آيل حادثي تي افسوس جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) بينظير انڪم بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير سان عالمي بينڪ جي ريجنل نائب صدر جي ملاقات، منصوبن تي ويچار

ملاقات ۾ عالمي بينڪ جي صدر جي متوقع دوري جي تيارين، پاڻي جي بنيادي ڍانچي ۽ سماجي تحفظ جي پروگرامن ۾ اڳڀرائي تي ڌيان ڏنو ويو
عالمي بينڪ سان شراڪتداري پاڻي جي فراهمي ۾ بهتري، ٻارن ۾ غذائي قلت گهٽائڻ ۽ سماجي تحفظ جي دائري کي وڌائڻ لاءِ اهم آهي: وڏو وزير
ماءُ ۽ ٻار جو معاونتي پروگرام خاندانن کي صحت جي بحرانن يا آمدني ۾ گهٽتائي سبب وڌيڪ غربت ۾ رهڻ کان بچائڻ لاءِ تيار ڪيو ويو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) هڪ اعليٰ سطحي اسٽريٽجڪ مشاورت دوران سنڌ جي وڏي | وزير سيد مراد علي شاھ ڏکڻ ايشيا لاءِ عالمي بينڪ جي ريجنل نائب صدر (مشرق | وسطيٰ اتر آفريڪا، افغانستان ۽ پاڪستان بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

راولپنڊي: وزيراعظم شهباز شريف سوئيٽزرلينڊ جي دوري تي وڃي رهيو آهي

صوبائي وزير جام خان شوري جو ڪي بي فيڊر منصوبي جو دورو

صوبائي وزير ڪي بي فيڊر جي سي سي لائيننگ جي مختلف حصن جو معائنو ڪيو
منصوبي جي وقت سر تڪميل ۽ مقصدن جي حاصلات لاءِ قدم کنيا وڃن: شورو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي آبپاشي ۽ زرعي واري صوبائي وزير جام خان شورو | ڪي بي فيڊر منصوبي تحت هلندڙ بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

جام ڪمال جي انڊونيشيا جي سفير سان ملاقات، ٻطرفي واپار تي ڳالهيون

وفاقي وزير انڊونيشيا جي سفير کي پاڪستان جي واپاري حڪمت عملي کان آگاھ ڪيو
ترقياتي ڪميٽيءَ جي جلد بندوبست، واپاري فورمز ۽ ورچوئل مشاورت ذريعي رابطا وڌائڻ تي اتفاق

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف جي هدايت تي واپار واري وفاقي وزير جام ڪمال خان پاڪستان ۾ | انڊونيشيا جي سفير چندرا وارسيناٽو سوڪتجو سان تفصيلي ملاقات ڪئي بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير جام ڪمال جي صدارت ۾ پاڪستان ۽ انڊونيشيا جي پرڏيهي وزيرن جي گڏجاڻي ٿي رهي آهي

معرڪہ حق ۾ فتح تي پارٽ اچا تائين پنهنجي زخمن تي لوڻ ٻرڪي رهيو آهي: وزير اطلاعات

دهشتگردن لاءِ ڪنهن بہ قسم جي همدردي ملڪي مفاد خلاف آهي: عطاءُ الله تارڙ

پي ٽي آءِ ملڪ ۾ انتشار جي سياست ۽ گارگند جي ڪلچر کي فروغ ڏنو، ٽي ٽي پي جو خاتمو يقيني بڻايو ويندو
حڪومت اظهار راءِ جي آزادي تي يقين رکي ٿي، چو تہ جنهن معاشري ۾ اختلاف راءِ نہ هجي، اهو معاشرو ٻاڻ زوال طرف وڃي ٿو
ڊيجيٽل ميڊيا جي تيز رفتار ترقي جي باوجود ان جي لاءِ واضح اداراجاتي ڍانچو يا تحفظاتي نظام موجود نہ آهي: تقريب ۾ خطاب

لاهور (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري | وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي تہ | دهشتگردن جي لاءِ ڪنهن بہ قسم جي بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

او جي ڊي سي ايل پاران ضلعي ڪوهاٽ ۾ تيل ۽ گئس جو ذخيرو دريافت

براگيزي ايڪس ون کوهہ مان روزانو 3100 بيرل ڪچو تيل ملي رهيو آهي
کوهہ مان 8.15 ملين اسٽينڊرڊ ڪيوبڪ فٽ گئس جي پيداوار حاصل ٿي رهي آهي

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) آئل اينڊ گئس ڊوليپمينٽ ڪمپني لميٽيڊ صوبي خيبر | پختونخواھ جي ضلعي ڪوهاٽ ۾ واقع بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

سينيٽ جو اجلاس جمعي جي صبح 10 وڳي تائين ملتوي

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ جو اجلاس جمعي جي صبح 10 وڳي تائين ملتوي بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪوهاٽ: او جي ڊي سي ايل پاران براگزئي ايڪس ون کوهہ جي کاٽي کٽي پئي وڃي

پشاور هاءِ ڪورٽ پاران سيڪريٽري فنانس کي توهين عدالت جو نوٽيس جاري

عدالتي حڪمن باوجود اخبارن کي رهندن جي ادائگي نہ ڪرڻ تي نوٽيس جاري ڪيا ويا
ڪي پي حڪومت ڏانهن سرڪاري اشتهارن جي مد ۾ هڪ ارب 80 ڪروڙ رهيل آهن: سي پي اين اي

ڪراچي(بيورو رپورٽ) پشاور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس اعجاز انور عدالتي حڪمن | باوجود سرڪاري اشتهارن جي مد ۾ اخبارن بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

4 ارب روپين جي ماليت جي 266 ڪلو 950 گرام آئس ۽ 60 ڪلوگرام هيروئن برآمد

حب چوڪي وٽ گاڏي جي خفيہ خانن ۾ لڪايل 240 ڪلو 350 گرام آئس ۽ 60 ڪلوگرام هيروئن هٿ ڪئي وئي
گارڊن ويسٽ جي هڪ گودام مان لنڍي جي ڪپڙن جي بورين ۾ خفيہ طريقي سان لڪايل 26 ڪلو 600 گرام آئس برآمد

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڪسائيز ٽيڪسيشن ۽ نارڪوٽڪس ڪنٽرول کاتي | سنڌ خفيہ اطلاع تي هلندڙ سال جي سڀ کان وڏي ڪارروائي ڪندي 3 کان 4 ارب | روپين جي ماليت جي 266 ڪلو 950 گرام بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

قومي بيانيي ۽ دهشتگردي تي خدشا پيدا ڪرڻ جي اجازت نہ ڏينداسين: طلال چوڌري

اين ايف سي تحت 2010ع کان نومبر 2025ع تائين ڪي پي ڪي کي 5867 ارب رپيا ڏنا ويا
نيشنل ايڪشن پلان تحت 20 نُڪتن مان گهڻا صوبن کي پورا ڪرڻا هئا: گهرو معاملن جو مملڪتي وزير

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري مملڪتي وزير طلال چوڌري چيو آهي تہ | قومي بيانيي ۽ دهشتگردي تي خدشا پيدا بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2 | وڏندي سوشل ميڊيا تي شهيدن جي قربانين

امارات صدر ٽرمپ جي 'بورڊ آف پيس' ۾ شموليت جي دعوت قبولي ورتي

ميمبر ملڪن جي رڪنيت جو مدو وڌ کان وڌ 3 سال هوندو: بورڊ جو چارٽر
بورڊ جو قيام فلسطيني عوام جي جائز حق حاصل ڪرڻ لاءِ انتهائي اهم آهي

ابو ظهبي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) گڏيل عرب امارتن (يو اي اي) جي صدر شيخ محمد بن | زايد النهيان آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

پنجاب جي يونيورسٽين ۾ بلوچ شاگردن جي داخلا تي پابندي ناهي: وزير قانون

پنجاب جي مختلف سرڪاري يونيورسٽين ۾ ڪل 3850 بلوچ شاگرد تعليم حاصل ڪري رهيا آهن
نائب ايران سينيٽر اسحاق ڊار هڪ عالمي تقريب ۾ شرڪت لاءِ ڊيووس روانو ٿي چڪو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) قانون ۽ انصاف واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اعظم نذير | تارڙ چيو آهي تہ پنجاب جي يونيورسٽين ۾ بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

سينيٽ چيئرمين پاران شهيد بينظير ڀٽو کي زبردست خراج عقيدت پيش

عورتن جو معاشي طور بااختيار هجڻ پائيدار ترقي لاءِ ضروري آهي: سينيٽ چيئرمين

عورتن کي پاڪستان جي معاشي تبديلي جو مُک معمار تسليم ڪيو پيو وڃي: يوسف رضا گيلاني
ملڪي ترقي لاءِ گڏيل ڪاوشون هڪ وڌيڪ جامع ۽ خوشحال پاڪستان جي راهہ هموار ڪنديون

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني چيو آهي تہ عورتن | جو معاشي طور بااختيار هجڻ فقط برابري بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

آصفہ ڀٽو سان سي اي او پرائيم هاسپيٽل هيلٿ ڪيئر فيصلٽي جي ملاقات

خاتون اول کي سنڌ جي پٺتي پيل علائقن ۾ علاج بابت جاري قدمن تي بريفنگ
وقت سر طبي سهولتن تائين پهچ ٻارن کي قابل بڻائڻ ۾ فيصلائتو ڪردار ادا ڪري ٿي: آصفہ ڀٽو

اسلام آباد (اي پي پي) خاتون اول بي بي آصفہ ڀٽو زرداري سان ايوان صدر ۾ پرائيم | هاسپيٽل هيلٿ ڪيئر فيصلٽي جي چيف بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: خاتون اول آصفہ ڀٽو زرداري سان ايوان صدر ۾ سي اي او پرائيم هسپتال هيلٿ ڪيئر فيسلٽي ڊاڪٽر شهزاد ملاقات ڪندي

تعليم تائين رسائي وڌائڻ، استادن جو معيار بهتر بڻائڻ ضروري آهي: وڏو وزير

اسڪول کان ٻاهر رهجي ويل ٻارن کي بهتر تعليمي نظام ۾ آڻڻ انتهائي ضروري آهي
نجي شعبي جون پاليسيون ۽ قدم سرڪاري ڪوشش کي مڪمل ڪن ٿا

ڪراچي (رپورٽ : مجيد عباسي) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاھ پنهنجي حڪومت جي تعليمي ترجيحن تي روشني وجهندي چيو آهي تہ تعليم تائين رسائي | وڌائڻ استادن جي معيار کي بهتر بڻائڻ ۽ اسڪول کان ٻاهر رهجي ويل ٻارن کي بهتر تعليمي نظام ۾ آڻڻ انتهائي ضروري آهي بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

سياسي بحران جو واحد حل عمران خان جي آزادي آهي: ناصر عباس

رياستي ڍانچو ڪمزور ٿي چڪا آهن ۽ قانون جي بالادستي ختم ٿيندي پئي وڃي
ذميواري مقامي ماڻهن کي ڏني وڃي تہ دهشتگردن کي آساني سان پڪڙي سگهجي ٿو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سينيٽ ۾ مخالف ڌر اڳواڻ علامہ راجا ناصر عباس چيو آهي تہ موجودہ سياسي بحران جو واحد حل | عمران خان جي آزادي آهي ايوان ۾ اپوزيشن ليڊر طور پنهنجي پهرين تقرير ۾ علامہ راجا بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو سنڌ ۾ اليڪٽرڪ بسون متعارف ڪرايون: شرجيل ميمڻ

اسان رڳو اي وي بسون تائين محدود نہ رهياسين، پر اي وي اسڪوٽيز بہ شروع ڪيون ۽ هاڻي اي وي ٽيڪسيون شروع ڪريون پيا
سرڪاري آفيسن ۾ جنريٽرن تي بہ وڏا خرچ ايندا آهن. تنهن ڪري سنڌ حڪومت اسپتالن ۽ اسڪولن کي سولرائز ڪيو آهي
5000 بسون تمام وڏو تعداد آهي، اليڪٽرڪ بسون آڻڻ ۾ وقت لڳندو، چو تہ اهي جديد ٽيڪنالاجي تي ٻڌل ۽ مهانگيون آهن

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس | ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي تہ سنڌ حڪومت پاڪستان | جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو سنڌ، خاص طور بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

بهتر ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ ٽائونن کي اضافي ترقياتي فنڊ فراهم ڪرڻ جو فيصلو

حڪومت سنڌ بلدياتي ادارن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ عملي ۽ ٺوس قدم کڻي رهي آهي
اختيارن جي هيٺين سطح تائين منتقلي پاليسي جو بنيادي ستون آهي: ناصر شاھ
سڀني سياسي جماعتن سان تعلق رکندڙ ٽائون چيئرمينن سان ملاقاتون ڪريان پيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي بلدياتي، هائوسنگ ۽ ٽائون پلاننگ واري وزير ناصر | حسين شاھ جي صدارت هيٺ پاڪستان بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪجهہ پيءُ پنهنجن پٽن جي واپسي جو انتظار ڪرڻ لڳا

ڪجهہ جي زبانن تي پنهنجي پاءُ جو نالو ڪجهہ اکين ۾ پيڻ جي ياد لاءِ ڳوڙها

ڪراچي: گل پلازا سانحي ۾ گم ٿيل ماڻهن جا خاندان سخت غم ۾ آهن ۽ ڪنهن معجزي جي انتظار ۾ آهن تہ جيئن | انهن جا پيارا زندہ ۽ محفوظ واپس اچي سگهن تفصيل موجب ڪراچي جي گل بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

درگاھ ڀٽائيؒ تي حاضري اسان لاءِ وڏي برڪت جو سبب آهي: اورنگزيب کچي

حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائيؒ جي زندگي ۽ سندن ڪلام انسانيت، محبت ۽ امن جو پيغام
قومي ورثي جي تحفظ لاءِ وڌيڪ محنت، بهتر عملدرآمد جي ضرورت آهي: حاضري بعد ڳالهيون

ڀٽ شاھ (ن ع) وفاقي وزير برائي نيشنل هيريٽيج اينڊ ڪلچر محمد اورنگزيب کچي ڀٽ شاھ پهچي درگاھ حضرت شاھ | عبداللطيف ڀٽائي رح جي مزار جي حاضري ڀري گلن جي چادر چاڙهي ۽ فاتحہ پڙهي بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: وفاقي وزير اورنگزيب خان کچي سنڌ ميوزم جو دورو ڪري رهيو آهي

چيني ريسٽورنٽ تي حملو افسوسناڪ قرار، افغان سرزمين دهشتگردي لاءِ استعمال ٿيڻ نہ ڏني وڃي: صدر

صدر مملڪت پاران افغانستان جي تخت گاھ ڪابل ۾ چيني ريسٽورنٽ تي ٿيندڙ بم ڌماڪي جي سخت لفظن ۾ مذمت
افغانستان ۾ وڌندڙ بدامني باوجود ترقياتي ڪمن ۾ مصروف چيني شهرين جي حوصلي ۽ جذبي کي خراج تحسين پيش
افغانستان ۾ طالبان حڪومت دوحا امن معاهدي تحت ڪيل واعدن جي پاسداري ۾ ناڪام رهي آهي: صدر آصف علي زرداري
افغانستان ۾ ڪنهن بہ دهشتگرد تنظيم کي محفوظ پناھ گاهون فراهم نہ ڪيون وڃن ۽ خطي ۾ امن ۽ استحڪام کي يقيني بڻايو وڃي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) صدر آصف علي زرداري افغانستان جي تخت گاھ | ڪابل ۾ چيني ريسٽورنٽ تي ٿيندڙ بم ڌماڪي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي | آهي جن واقعي ۾ قيمتي جانيون ضايع بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

گل پلازہ سانحي ۾ فوتين جو انگ 28 ۽ گم ٿيل ماڻهن جي فهرست 83 تائين پهچي وئي

لڳل باهہ جي نتيجي ۾ عمارت جو 40 سيڪڙو حصو تباھ ٿي ويو، ساھ ٻوسائجڻ ۽ سڙڻ سبب 28 ماڻهو فوت ٿي ويا
صبح جو ٽئين ۽ چوٿين منزل تي بچاءُ ڪندڙ اهلڪار موڪليا ويا هڪ تفصيلي سروي ڪئي وئي آهي پر اسان کي ڪو بہ لاش نہ مليو: ڊي سي
اهو شڪ آهي تہ عمارت جي ڪاٻي پاسي وڌيڪ لاش هوندا اسان هڪ رستو ٺاهينداسين ۽ اتي ٽيمون موڪلينداسين انشاءَ الله اسان هڪ رستو کولي وٺنداسين

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) ڪراچي جي ايم اي جناح روڊ ڪاروباري مصروف | تي واقع گل پلازا شاپنگ مال ۾ ڇنڇر جي رات لڳل باهہ جي نتيجي ۾ عمارت جو | 40 سيڪڙو حصو تباھ ٿي ويو ساھ بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: باهہ لڳڻ سبب سڙي تباھ ٿيل گل پلازا کي هيوي مشينري ذريعي صاف ڪيو پيو وڃي

سنڌ اسيمبلي جي اجلاس ۾ ڪيل مختلف قراردادن تي غور، گل پلازہ سانحي تي تحريڪ منظور نہ ٿي

سنڌ ۾ ٿيليسيميا کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ سنڌ پريوينشن اينڊ ڪنٽرول ٿيليسيميا ايڪٽ 2013 جي شقن جي اثرائتي عملدرآمد بابت رٺ منظور
سنڌ ۾ معدنيات ۽ ڪوئلي جي کاڻين جي الاٽمينٽ نئين شرح تي نيلامي ذريعي ڪرڻ بابت پي ٽي آءِ جي شبير قريشي جو ٺهراءُ رد
جماعت اسلامي جي محمد فاروق بي آر ٽي ريڊ لائين منصوبي کي نيشنل هاءِ وي تائين وڌائڻ بابت رٺ واپس وٺي ڇڏي

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو/ مجيد عباسي) سنڌ اسيمبلي ۾ آڱاري ڏينهن | پرائيويٽ ميمبرن جي ڏينهن جي موقعي تي ميمبرن پاران پيش ڪيل مختلف قراردادن | تي بحث غور ڪيو ويو جماعت اسلامي جي بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وفاقي وزير جام ڪمال ۽ ميئر سلمان عبدالله مراد گل پلازا جي دوري بعد ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

وڏي وزير صدر ۾ هڪ فليٽ ۾ لڳل باهہ جو نوٽيس ورتو، حفاظتي انتظام ڪرڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاھ صدر مارڪيٽ جي هڪ بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

وفاقي وزير جام ڪمال پاران متاثرين کي هر ممڪن سهڪار جي خاطري

ڪراچي: وفاقي وزير واپار جام ڪمال گل پلازا سانحي جي متاثرين کي وفاقي حڪومت طرفان هر ممڪن تعاون جو يقين بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

پير مظهرالحق پاران گل پلازہ سانحي تي گهري ڏک جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پيپلز پارٽي سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي ميمبر ۽ سنڌ جي بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

گل پلازہ مان نڪرندڙ ملبو ايم سي گرائونڊ ڏانهن منتقل

ڪراچي : اربين رپين جو مال اڪين آڏو ملبو بڻجي ويو ڪراچي جي ايم اي جناح روڊ تي واقع گل پلازا ۾ لڳندڙ باهہ ڪانپوءِ بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

گل پلازہ ۾ رانديڪا وڪڻندڙ واپاري پاران 7 ڪروڙ نقد سڙي وڃڻ جي دعوا

ڦفنيوار نقد رقم ملندي آهي جيڪا جمعي ۽ ڇنڇر جي رات گڏ ڪئي ويندي آهي: علاءالدين
اسان جو آفيس عمارت جي ان حصي ۾ واقع آهي جيڪو ٽٽڻ کان پوءِ بچيو هو

ڪراچي: گل پلازا جي متاثرين ۾ هڪ رانديڪن جو درآمد ڪندڙ بہ شامل آهي | جنهن باهہ ۾ سندس 7 ڪروڙ رپين جي نقد بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

عمارت جا سيئي دروازا رات 10 وڳي بند ٿيندا آهن: دڪاندار

26 مان صرف 2 دروازا کليل هوندا آهن، ڪابہ ايمرجنسي ايگزٽ ناهي
باهہ لڳڻ وقت بجلي بند هئي، ڪو بہ ڪجهہ سمجهي يا ڏسي نہ سگهيو

ڪراچي : گل پلازا سينٽر سانحي جي متاثر دڪاندارن جو چوڻ آهي تہ عمارت ۾ ڪل | 26 اندروني ۽ باهرين دروازا آهن ۽ سيئي بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

پي ٽي آءِ ۽ جي ڊي اي پاران 23 جنوري تي گل پلازہ آڏو ڀرپور احتجاج جو اعلان

هي سانحو ڪراچي جي نظام حڪمراني، فائر سيفٽي، ايمرجنسي رسپانس ۽ بلدياتي تياري جي سنگين ناڪامي کي واضح ڪري ٿو: اعلان
فائر فائٽرن ريسڪيو ورڪرز ۽ فيلڊ اسٽاف ذميوار ناهن انهن محدود وسيلن ۽ ناقص حفاظتي انتظامن باوجود فرض نڀايا
شهيد فائر فائٽرز ۽ ريسڪيو اهلڪارن کي سلام عقيدت پيش ڪندي چيو ويو تہ اهي مجرم ناهن پر قوم جا هيرو آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سانحو گل پلازا خلاف پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي | آءِ) جي ميزباني هيٺ ڪراچي جي نمائندہ سياسي جماعتن، واپاري اتحاد ۽ اسٽيڪ | هولڊرز پاران گل پلازا جي سامهون هڪ بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: جي ڊي اي جا اڳواڻ گل پلازہ وٽ ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

ٻہ ڏينهن اڳ لڳل باهہ آخرڪار 36 ڪلاڪن کان پوءِ وسائي وئي

ڪراچي: گل پلازا شاپنگ مال ۾ ٻہ ڏينهن اڳ لڳل باهہ آخرڪار 36 ڪلاڪن کان پوءِ | وسائي وئي ۽ عمارت جي ڇت تي بيٺل بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

گل پلازا سانحي تي سياست کان پاسو ڪيو وڃي: گورنر ٽيسوري

پوائنٽ اسڪورنگ بدران متاثر واپارين کي عملي مدد ڏني وڃي
متاثر واپارين کي پارڪنگ پلازا عارضي طور تي ڪاروبار ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي
مستقبل ۾ اهڙن واقعن کي روڪڻ لاءِ ٺوس قدم کڻڻ ضروري آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري گل پلازا سانحي تي سياست | کان پاسو ڪرڻ ۽ ڪاروباري برادري جي بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ڪنڊيارو لڳ هٿياربندن پاران ڪار کي روڪي ڦر جي ڪوشش، مزاحمت تي نوجوان قتل، 2 ڄڻا زخمي

مٺي واسي راشد علي ٻروڙيو پنهنجي بيمار والد کي علاج لاءِ گمس کڻي وڃي رهيو هو تہ هٿيارن کان تي فائرنگ ڪئي
فائرنگ ۾ نوجوان ٿڏي تي دم ڏنو، والد غلام رسول ۽ ڊرائيور ڏٺي بخش شيدي سخت زخمي ٿي پيا
اطلاع تي پوليس پهچي لاش ۽ زخمين کي ڪٽائي اسپتال منتقل ڪيو جتان زخمين کي نوابشاھ نيو ويو
فوتي نوجوان جو لاش ضروري ڪاروائي بعد وارث ڪٽائي اباڻي ڳوٺ پوسرڪو پهتا تہ ڪهرام مچي ويو

ڪنڊيارو/مٺي (نمائندن وٽان) تعلقي مٺي جي ڳوٺ پوسرڪو جو رهواسي نوجوان | ڪرڪيٽر راشد علي ٻروڙيو گذريل رات پنهنجي ڳوٺ کان پنهنجي پيرسن ۽ بيمار | والدغلام رسول جي طبعيت ڏيکارڻ لاءِ بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

مٺي: ڊاڪوئن جي فائرنگ ۾ مارجي ويل نوجوان جي لاش تي سندس پٽ سوڳوار آهي

چيف سيڪريٽري پاران عورتن جي ووٽ کان وڌ رجسٽريشن ڪرائڻ جي هدايت

عورتن جي شناختي ڪارڊ ۽ ووٽر رجسٽريشن ۾ واڌ آڻڻ تي خاص زور ڏنو ويو
سنڌ جي 16 ضلعن ۾ موبائل رجسٽريشن وينز ۽ نادرا جا مرڪز فعال آهن
ڪراچي، حيدرآباد، ٿرپارڪر، ميرپورخاص ۽ ٻين ضلعن ۾ خصوصي مهم جاري آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاھ جي صدارت هيٺ | سنڌ جي 16 ضلعن ۾ جاري قومي ووٽر بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

گل پلازہ ۾ ريسڪيو 1122 جون ڇهہ ٽيمون سرگرم آهن: ايسراڻي

ملبو هٽائڻ ۽ متاثر حصن تائين پهچ لاءِ ڳري مشينري ۽ وسيلا استعمال ڪيا پيا وڃن
سرچ آپريشن دوران هينئر تائين 20 کان وڌيڪ لاش ڪڍيا ويا

ڪراچي : گل پلازہ ۾ باهہ لڳڻ ۽ عمارت جي سخت متاثر ٿيڻ کان بعد ريسڪيو | 1122 سنڌ پاران گڏيل منظم ۽ مڪمل بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

مئٽرڪ ۽ انٽر لاءِ نئون گريڊنگ نظام منظور، 40 سيڪڙو کان گهٽ مارڪون ڪندڙ فيل تصور ٿيندا

اي ڊبل پلس 96 (A++) سيڪڙو کان 100 سيڪڙو اي پلس 91 (A+) سيڪڙو کان 95 سيڪڙو تائين مارڪون ڪندڙن کي ملندو
اي (A) 86 سيڪڙو کان 90 سيڪڙو ۽ بي ڊبل پلس (B++) 81 سيڪڙو کان 85 سيڪڙو هوندو
اهي شاگرد جيڪي ڪنهن بہ پرچي ۾ 40 سيڪڙو کان گهٽ مارڪون حاصل ڪندا، انهن کي 'يو' يعني 'انڊر گريڊيڊ' قرار ڏنو ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي يونيورسٽين ۽ بورڊز واري وزير اسماعيل | راهو موجب مئٽرڪ ۽ انٽر لاءِ نئين گريڊنگ نظام جي منظوري ڏني وئي آهي | جنهن تحت 40 سيڪڙو کان گهٽ بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 وزيراعظم

جي توهين ڪري سرحد پار دشمن جي آواز سان آواز ملايو وڃي ٿو خيبرپختونخواهه کي دهشتگردي کي منهن ڏيڻ جي لاءِ 800 ارب رپيا ڏنا، دهشتگردن جو خاتمو ڪرڻ تائين قوم سڪ سان نه ويهندي افغانستان جي عبوري حڪومت اسان جي هڪ نه ٻڌي، پوءِ انهن کي سبق سيکاريو هاڻي انهن کي فيصلو ڪرڻو آهي ته پرامن پاڙيسري جي طور تي رهڻو آهي يا نه اهڙن خيالن جو اظهار هن قومي ورڪشاپ ۾ خيبرپختونخواهه جي شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي ڪيو ان موقعي تي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار وفاقي وزير خواجه محمد آصف، عطاءُ الله تارڙ ۽ ٻيا به موجود هئا. وزيراعظم خيبرپختونخواهه کي پاڪستان جو هڪ انتهائي اهم ۽ اسٽريٽجڪ صوبو قرار ڏيندي خيبرپختونخواهه جي عوام جي غيرت جرئت ۽ بهادري کي ساراهيو ۽ چيو ته خيبرپختونخواهه دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ بي مثال قربانيون ڏنيون هن چيو ته افغان جنگ جي نتيجي ۾ جيڪو ڪجهه ٿيو اهو تاريخ جو حصو ۽ سيني جي سامهون آهي 40 لک افغان پناهگير هجرت ڪري آيا ته خيبرپختونخواهه ۽ پاڪستان جي عوام سندن مهمان نوازي، ميزباني ۽ خاطرداري ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي، اهو بطور مسلمان ۽ پاڙيسري اسان جو فرض هو پر ان جي نتيجي ۾ پاڪستان ۾ ڪلاشنڪوف ڪلچر آيو ۽ سڄي ملڪ ۾ دهشتگردي ڪَرُ کنيو جنهن ۾ هزارين بيگناهه شهيد ٿيا. خيبرپختونخواهه ان جنگ ۾ فرنٽ لائين رهيو آهي جتي سياستدانن ڊاڪٽرن انجنيئرن پاڪ فوج پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سميت زندگي جي هر شعبي سان تعلق رکندڙ ماڻهن ۽ عام شهرين پنهنجون جانيون قربان ڪيون جنهن جي نتيجي ۾ 2018ع ۾ دهشتگردي جو خاتمو ٿيو اي پي ايس سانحي ڪانپوءِ سياسي حڪومت فيصلو ڪيو ته هاڻي گڊ ۽ بيڊ طالبان جو ڪو فرق نه آهي هڪ لک نوجوان آفيسرن ۽ عام شهرين جي قربانين جي ڪري دهشتگردي جو خاتمو ٿيو پر ان ناسور 2018ع ڪانپوءِ ٻيهر ڪَرُ ڇو کنيو اهو چڀندڙ سوال آهي جنهن جو جواب سيني کي معلوم آهي اها فاش غلطي هئي سوات مان سوين دهشتگردن کي آزاد ڪيو ۽ افغانستان مان هزارين کي واپس آڻي رهايو ويو ان جي ڪري دهشتگردي ٻيهر شروع ٿي جنهن ملڪ جي ترقي ۽ خوشحالي تي وار ڪيو روزانو ڪٿي نه ڪٿي ڪو واقعو ٿئي ٿو جنهن ۾ اسان جو ڪو بهادر فرزند جيڪو پنهنجي ٻارن کي خدا حافظ چئي محاذ تي وڃي ٿو اهو دهشتگردن جو مقابلو ڪندي شهيد ٿئي ٿو ۽ پنهنجي ٻارن کي يتيم ڪري قوم جي ٻارن کي يتيم ٿيڻ کان بچائي ٿو ان کان وڌيڪ ڪا قرباني ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟ ان قرباني جو جيترو احترام ڪيو وڃي گهٽ آهي پر سوشل ميڊيا تي زهر اوڳاڇيو وڃي ٿو ۽ شهيدن جي توهين جي ناپاڪ ڪوشش ڪري سرحد پار دشمن جي آواز سان آواز ملايو وڃي ٿو وزيراعظم چيو ته هاڻي وقت آهي ته اسان ان صورتحال ۽ طرزعمل جو جائزو وٺون هن ان عزم جو اظهار ڪيو ته سمورا خارجي جيڪي پاڪستان جي اندر ۽ ٻاهران حملي آور آهن انهن جو خاتمو ڪرڻ تائين قوم سڪ سان نه ويهندي وزيراعظم ياد ڏياريو ته 2010ع ۾ اين ايف سي ايوارڊ ۾ پنجاب اڳڀرائي ڪئي ۽ سمورن صوبن پنهنجي حصي مان هڪ سيڪڙو خيبرپختونخواهه کي دهشتگردي جي مقابلي جي لاءِ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو 15 سالن ۾ 800 ارب رپيا دهشتگردي کي منهن ڏيڻ جي لاءِ خيبرپختونخواهه کي ڏنا ويا ۽ اهو سلسلو اڄ به جاري آهي بلوچستان جي لاءِ به پنجاب پنهنجي حصي مان اضافي وسيلا فراهم ڪيا ۽ بلوچستان جي لاءِ 100 سيڪڙو اضافو ڪيو ويو اهو ڪو احسان نه آهي جيڪڏهن پنجاب ترقي ڪري ٿو ۽ باقي نه ته اها پاڪستان جي ترقي نه آهي حڪومت جو ايمان آهي ته چار ئي صوبا ترقي ڪندا ته پاڪستان ترقي ڪندو بلوچستان جي 850 ڪلوميٽر خوني رستي جي لاءِ 400 ارب رپيا رکيا، بلوچستان کان هڪ رپيو نه ورتو صوبي جي آبادگارن جي لاءِ سولر پينلز جي فراهمي جي لاءِ 75 ارب رپين جي منصوبي مان 50 ارب رپيا وفاق ڏنا جهڙن سان اڄ ٽيوب ويلز هلي رهيا آهن آزاد ڪشمير گلگت بلتستان ۾ دانش اسڪولن جو ڄار وڇايو پيو وڃي، شاگردن کي ميرٽ تي ليپ ٽاپس ۽ وظيفا ڏنا پيا وڃن جنهن جي لاءِ فنڊ قائم ڪيو ويو آهي لکين شاگرد ۽ شاگردياڻيون ان مان فائدو کڻي تعليمي ميدان ۾ ڪاميابيون ماڻي رهيا آهن هڪ هزار زرعي گريجوئيٽس کي زراعت جي اعليٰ تعليم ۽ تربيت جي لاءِ چين جي اعليٰ يونيورسٽين ۽ ادارن ۾ موڪليو جن ۾ آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان سميت چئني صوبن جا گريجوئيٽس شامل آهن اهي تربيت يافته ماڻهو زرعي جنسن جي پيداوار وڌائڻ ۽ زرعي انقلاب آڻڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا. وزيراعظم ياد ڏياريو ته خيبرپختونخواهه جي عوام 1947ع ۾ پاڪستان جي حق ۾ ووٽ ڏنو ۽ قائداعظم جي ولولي انگيز قيادت سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺل رهيا، 1971ع جي جنگ ۾ رضاڪاراڻي طور تي افغانستان سان ڪراس بارڊر ٽريڊ بند ڪري ڇڏي الله تعاليٰ خيبرپختونخواهه کي معدنيات جي دولت سان نوازيو آهي اهي وسيلا خيبرپختونخواهه ۽ پاڪستان جي عوام جي ڀلائي جي لاءِ خرچ ٿيڻ گهرجن ها پر باقي صوبن سان خيبرپختونخواهه جي 10 سالا ڪارڪردگي جي ڀيٽ ڪريو ته سڀ ڪجهه واضح ٿي ويندو اين ايف سي ايوارڊ ۾ چئني صوبن کي وسيلا ملن ٿا، ڪنهن فائدو کڻي ان سان ڀرپور ترقي ڪئي پر خيبرپختونخواهه ۾ جيڪا ترقي ٿيڻ گهرجي ها اها نظر نه ٿي اچي پنهنجي گريبان ۾ جهاتي پائي ان جو جواب ڳولڻو پوندو وزيراعظم چيو ته 6 مئي تي ڀارت پاڪستان تي جارحيت جو ارتڪاب ڪندي 53 بيگناهه پاڪستانين کي شهيد ڪيو ته پاڪستان سخت جوابي ڪارروائي ڪئي ۽ دشمن جا 7 ويڙهاڪ جهاز ڪيرايا، فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي قيادت ۾ دشمن کي اهو سبق سيکاريو جنهن جو تازي تاريخ ۾ مثال نه ٿو ملي ۽ دشمن کي سدائين اهو سبق ياد رهندو

بقايا 2 طلال چوڌري

ڪرڻ جي اجازت نه ڏينداسين اين ايف سي تحت 2010ع کان نومبر 2025ع تائين ڪي پي ڪي کي 5867 ارب رپيا فراهم ڪيا ويا. گذريل ڏينهن قومي اسيمبليءَ ۾ اسد قيصر طرفان اٿاريل نڪتن تي وضاحت ڪندي هن چيو ته پنهنجي تقرير ۾ هن غير پارلياماني لفظ استعمال ڪيا، نيشنل ايڪشن پلان تحت 20 نڪتن مان گهڻا صوبن کي پورا ڪرڻا هئا، ان معاملي تي گڏيل اجلاس طلب ڪرڻ جي تجويز ڪئي مان حمايت ڪريان ٿو مملڪتي وزير چيو ته اين ايف سي تحت 2010ع کان نومبر 2025ع تائين ڪي پي ڪي کي 5867 ارب رپيا فراهم ڪيا ويا آهن اضافي معاونت تحت اڳوڻي فاٽا کي 704 ارب رپيا ڏنا ويا، اڳوڻي فاٽا سان جيڪي واعدا ڪيا ويا هئا ان تي وزيراعظم ڪميٽي ٺاهي جنهن ۾ سمورن ماڻهن کي شامل ڪيو ويو

بقايا 3 قبولي ورتي

طرفان پيش ڪيل "بورڊ آف پيس" ۾ شموليت جي دعوت قبولي ورتي اماراتي پرڏيهي وزارت جي بيان موجب گڏيل عرب امارتن جي صدر شيخ محمد بن زايد النهيان آمريڪا طرفان بورڊ آف پيس ۾ شموليت جي دعوت قبول ڪري ورتي آهي پرڏيهي ميڊيا جو چوڻ آهي ته بورڊ جي چارٽر موجب رڪن ملڪن جو رڪنيت جو مدو وڌ کان وڌ 3 سال هوندو

بقايا 4 وزير قانون

بلوچ شاگردن جي داخلا تي ڪابه پابندي ناهي ڪوٽا مڪمل بحال آهي. ايوان ۾ وقفي جي ڪوٽ ضرور رهي جڏهن ته قائد ايوان سينيٽر اسحاق ڊار هڪ عالمي تقريب ۾ شرڪت لاءِ ڊيووس روانو ٿي چڪو آهي گذريل ڏينهن معطل ايوان جي اجلاس ۾ هن ٻڌايو ته گذريل ڏينهن پارلياماني ليڊر سينيٽر علي ظفر جي موجودگيءَ ۾ وزيراعظم آفيس بابت ڪجهه معاملن تي ايوان جي ڳڻتي غور هيٺ آئي جيڪا الحمدلله اڄ حل ٿي وئي آهي ان دوران سينيٽر ڪامران مصطفيٰ طرفان پنجاب ۾ شاگردن جي داخلا بابت سوال اٿاريو ويو جنهن تي سينيٽر پرويز رشيد ۽ محترمه نوشهر رحمان کان ايوان کي بريف ڪرڻ جي درخواست ڪئي وئي هن ايوان کي آگاهه ڪيو ته سينيٽر پرويز رشيد طرفان وصول ٿيندڙ تفصيلي بريفنگ موجب پنجاب جي يونيورسٽين ۾ بلوچ شاگردن جي داخلائن تي ڪنهن به قسم جي پابندي ناهي ۽ سندن ڪوٽا مڪمل طور تي بحال آهي قانون واري وزير چيو ته هن وقت پنجاب جي مختلف سرڪاري يونيورسٽين ۾ ڪل 3850 بلوچ شاگرد تعليم هيٺ آهن جن ۾ نمايان اٽڪ پنجاب يونيورسٽي، گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي، بهاءُ الدين زڪريا يونيورسٽي، يونيورسٽي بهاولپور ۽ ٻين يونيورسٽين ۾ شامل آهن ڪجهه يونيورسٽين ۾ ان ڪري داخلائون نه ٿي سگهيون ته لاڳاپيل ڪوٽا تحت درخواستون وصول نه ٿيون انگن اکرن موجب انهن 3850 شاگردن مان 58 سيڪڙو ميرٽ تي داخل ٿيا آهن جن ۾ 3419 مرد ۽ 431 عورتون شامل آهن جڏهن ته 42 سيڪڙو شاگرد ڪوٽا تحت داخل ٿيا آهن سمورين سرڪاري يونيورسٽين ۾ داخلا لاءِ هڪجهڙي پاليسي تي عمل ڪيو پيو وڃي ۽ ڪوٽا تحت اعليٰ ميرٽ حاصل ڪندڙ شاگردن کي داخلا ڏني ويندي آهي ميڊيڪل ڪاليجز بابت وضاحت ڪندي قانون واري وزير چيو ته اهي داخلائون يونيورسٽي ٽو يونيورسٽي پاليسي تحت ٿين ٿيون جڏهن ته حڪومت جي عمومي هدايت آهي ته بلوچ شاگردن لاءِ ان جي ڪوٽا برقرار رکي وڃي

بقايا 5 سينيٽ چيئرمين

جو معاملو ناهي پر پاڪستان جي پائيدار ترقيءَ لاءِ هڪ اسٽريٽجڪ ضرورت آهي هو اسلام آباد جي هڪ مقامي هوٽل ۾ رٿيل چوٿين آل پاڪستان وومين چيمبرز پريزيڊنٽس انٽرنيشنل ڪانفرنس کي مهمان طور خطاب ڪري رهيو هو سينيٽ چيئرمين چيو ته اها ڪانفرنس صرف ڪاروباري اڳواڻن جو ميڙ ناهي پر جامع ترقي لاءِ هڪ قومي تحريڪ جو نمائندو آهي، جتي عورتن کي پاڪستان جي معاشي تبديلي جو اهم معمار تسليم ڪيو پيو وڃي هن ڪاروباري عورتن جي جرئت، حوصلي ۽ عزم کي خراج تحسين پيش ڪيو جيڪي سماجي ۽ بناوٽي رڪاوٽن باوجود پراڻن تصورن کي ٽوڙيندي واپار ۽ صنعت ۾ نوان رستا بڻائي رهيون آهن هن گذريل سالن ۾ ٿيل اڳڀرائي جو ذڪر ڪندي چيو ته سڄي ملڪ ۾ 30 کان وڌيڪ وومين چيمبرز آف ڪامرس اينڊ انڊسٽريءَ جو قيام قوم جي تعمير ۾ عورتن جي ڪردار جي حوالي سان سوچ ۾ بنيادي تبديليءَ جو مظهر آهي جڏهن ته هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته هاڻ سفر کي ڪجهه ادارن جي قيام کان اڳتي وڌائيندي عملي نتيجن طرف وٺي وڃڻو آهي، جتي هي چيمبرز مضبوط، پيشيوراڻي طور تي منظم ادارن جي صورت ۾ ڪاروبار جدت ۽ روزگار کي هٿي وٺرائڻ ۾ مؤثر ڪردار ادا ڪن سينيٽ چيئرمين شهيد بينظير ڀٽو کي زبردست خراج عقيدت پيش ڪندي کيس عورتن کي بااختيار بڻائڻ جي علمبردار قرار ڏنو جنهن جو ويزن اڄ به پاڪستان جي عورتن لاءِ مشعل راهه آهي هن بينظير ڀٽو جي تاريخي خدمتن کي ياد ڪندي چيو ته عورت اسٽڊيز سينٽرن جو قيام، فرسٽ وومين بئنڪ جي شروعات، سرڪاري ملازمتن ۾ عورتن لاءِ ڪوٽا ۽ ليڊي هيلٿ ورڪرز پروگرام جهڙا قدم ان جي ڏور رس قيادت جو ثبوت آهن هن چيو ته شهيد محترمه کي پختو يقين هو ته ڪابه قوم ان وقت تائين پنهنجي مڪمل صلاحيت حاصل نٿي ڪري سگهي جيستائين ان جي اڌ آباديءَ کي معاشي ۽ سماجي زندگي کان ٻاهر رکيو وڃي هن قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر وزيراعظم ۽ هاڻ سينيٽ چيئرمين جي حيثيت سان پنهنجي عوامي خدمتن جي تجربن جو حوالو ڏيندي چيو ته عورتن جي شموليت، جمهوري ادارن کي مضبوط ۽ ترقيءَ جي عمل کي تيز ڪري ٿي هن چيو ته وزيراعظم جي دور ۾ عورتن کي اهم وفاقي وزارتن جون ذميداريون سونپيون ويون جيڪا پاڪستان پيپلز پارٽي جي جامع طرز حڪمراني جي عزم جي عڪاسي ڪري ٿي سينيٽ چيئرمين سينيٽ کي وفاق جي علامت قرار ڏيندي چيو ته سينيٽ آف پاڪستان عورتن جي معاشي سماجي ۽ قانوني مسئلن جي حل ۾ سمورن صوبن جي سطح تي اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي هن چيو ته سندس قيادت ۾ سينيٽ قانونسازيءَ ۾ سڌارن ڪاروباري طريقيڪار ۾ آساني سرڪاري خريداريءَ تائين پهچ ۾ واڌ ۽ قانوني تحفظ کي مضبوط بنائڻ لاءِ ڀرپور سهڪار جاري رکندو ته جيئن عورتن جي ڪاروباري سرگرمين کي هٿي ڏئي سگهجي هن ان ڳالهه جو اعتراف ڪيو ته بي پناهه صلاحيت باوجود عورتن جي رسمي معيشت ۾ شموليت هاڻ به اميدن کان گهٽ آهي جنهن جو ڪارڻ سماجي بناوٽي رڪاوٽون آهن هن ان خال کي قومي موقعن جي نقصان سان تعبير ڪندي چيو ته عورتن جي قيادت ۾ هلندڙ هر ڪاروبار معاشي ترقي روزگار جا موقعا ۽ نسل در نسل بااختياري جو ذريعو بڻجي ٿو سينيٽ چيئرمين اسلام آباد وومين چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري جي قائدانه ڪردار کي ساراهيندي سڄي ملڪ ۾ نئين قائم ٿيندڙ وومين چيمبرز جي سرپرستي ۽ رهنمائيءَ جي قدمن جي تعريف ڪئي هن چيو ته ان نوعيت جو سهڪار رهنمائي ۽ بهترين تجربن جي مٽاسٽا عورتن جي قيادت ۾ معاشي ترقي لاءِ ڪيترائي پيرا اثر پيدا ڪندو

بقايا 6 ملاقاتون

ايگزيڪيوٽو آفيسر ڊاڪٽر شهزاد شفيق موسوي ملاقات ڪئي ۽ ٻارن ۾ ڪلب فٽ خاص طور تي سنڌ جي ٻهراڙي علائقن ۾ علاج بابت جاري قدمن تي بريفنگ ڏني ملاقات دوران ڊاڪٽر موسوي ڪلب فٽ کان متاثر ٻارن جي لاءِ مفت تشخيص ۽ جراحي علاج جي فراهمي خصوصي ميڊيڪل ڪئمپس منعقد ڪرڻ ۽ عالمي سرجيڪل ٽيمن سان تعاون سميت بي ايچ ايچ ايف جي ڪوششن جي تفصيلن کان آگاهه ڪيو خاتون اول کي پروگرام جي دائري کان ٻارن جي چهري بحال ڪرڻ ۽ متاثر ٻارن جي زندگي جي معيار ۾ بهتري تي ان جي ڌيان بابت پڻ بريف ڪيو ويو ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب ڊاڪٽر موسوي ٻڌايو ته ڪلب فٽ جهڙي طبي اصطلاح ۾ Congenital Talipes Equinovarus (سي ٽي اي وي) چيو وڃي ٿو پيدائشي نقص مان هڪ عام عارضو ۽ ٻارن ۾ قابل تدارڪ معذوري جو هڪ وڏو سبب آهي خاتون اول کي آگاهه ڪيو ويو ته وقت سر ۽ بنا معاوضي مداخلت جي ذريعي بي ايچ ايچ ايف 1621 کان وڌيڪ آئوٽ پيشنٽس جا معائنا ڪيا ۽ 252 ٻارن جو ڪامياب علاج ڪيو جيڪو ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته وقت سر ۽ منظم علاج سان اهو عارضو مڪمل طور تي قابل علاج آهي

بقايا 7 صحيحيون

انتهائي غريب ۽ ٻوڏ سبب متاثر گهراڻن جي غربت کان نجات جي منصوبي ۽ آزاد جمون ڪشمير ۾ اسڪولن کان ٻاهر ٻارن لاءِ منصوبي جي مالي معاونت لاءِ ڪيا ويا آهن اقتصادي معاملن جي ڊويزن واري وزارت طرفان جاري پڌرائيءَ موجب اهي معاهدا اسلام آباد ۾ اعليٰ سطح جي ڳالهين کان پوءِ طئي ٿيا، جن ۾ اقتصادي معاملن واري وفاقي وزير احد چيما ۽ اسلامي ترقياتي بئنڪ جي نائب صدر ڊاڪٽر رامي احمد جي قيادت ۾ بئنڪ جو وفد شامل هو منصوبي تي باضابطه صحيحيون اسلامي ترقياتي بئنڪ جي نائب صدر ڊاڪٽر رامي احمد ۽ اقتصادي معاملن واري ڊويزن جي سيڪريٽري محمد حمير ڪريم ڪيون ان موقعي تي احد خان چيما، غربت جي خاتمي ۽ سماجي تحفظ بابت وفاقي وزير سيد عمران احمد شاهه ۽ ٻيا اعليٰ سرڪاري عملدار به موجود هئا. معاهدن تحت اسلامي ترقياتي بئنڪ ايم-6 سکر حيدرآباد موٽر وي لاءِ 475 ملين ڊالرز فراهم ڪندو جيڪو رٿيل پشاور ڪراچي موٽر وي جو هڪ اهم حصو آهي ان کان علاوه پاڪستان ۽ اسلامي ترقياتي بئنڪ وچ ۾ انتهائي غربت ۽ ٻوڏ سبب متاثر گهراڻن جي غربت کان نجات واري منصوبي جي شروعات جو معاهدو به طئي ٿيو جيڪو هڪ تاريخي قدم آهي ان منصوبي جو مقصد غريب گهراڻن کي ڪجهه وقتي امداد تي ڀاڙڻ جي طريقيڪار مان ڪڍي پائيدار روزگار معاشي خود ڪفالت ۽ موسمياتي لچڪ طرف منتقل ڪرڻ آهي منصوبي جي مجموعي لاڳت 134.2 ملين ڊالرز آهي جنهن مان 118.4 ملين ڊالرز اسلامي ترقياتي بئنڪ فراهم ڪندو هي منصوبو 25 ضلعن ۾ لاڳو ڪيو ويندو جن مان 20 ضلعا (ملٽي ڊائمينشنل پاورٽي انڊيڪس 2024ع جي بنياد تي چونڊيا) ۽ 2022ع ۽ 2025ع جي ٻوڏ سبب متاثر 5 ضلعا شامل آهن منصوبي تحت 160866 گهراڻن تائين پهچ حاصل ڪئي ويندي ۽ روزگار جا هڪ لک موقعا پيدا ڪيا ويندا، جن ۾ اثاثن جي معاونت، بنا وياج قرض، هنرمندي جي تربيت، برسات جو پاڻي ذخيرو ڪرڻ، موسمياتي لچڪ رکندڙ زراعت ۽ ڪاروباري خدمتون فراهم ڪندڙ ادارن جي معاونت شامل آهي اقتصادي معاملن جي ترجمان ٻڌايو ته هي معاهدو حڪومت جي ان عزم جي عڪاسي ڪري ٿو ته ڪجهه ڪيش تي ٻڌل سماجي تحفظ جي طريقيڪار مان نڪري غربت مان ترقيءَ واري نجات ۽ لچڪدار ترقيءَ جي ماڊل طرف وڌيو وڃي

بقايا 8 پيش

جي ميمبر نعيمه ڪشور خان وراثت ۾ عورتن کي حق ڏيڻ لاءِ آئيني (ترميم) بل 2026ع پيش ڪري ڇڏيو گذريل ڏينهن قومي اسيمبليءَ جو اجلاس قومي اسيمبليءَ جي وقتي اسپيڪر جي صدارت هيٺ پارليامينٽ هائوس ۾ منعقد ٿيو ايم اين اي نعيمه ڪشور رول معطل ڪرڻ ڪانپوءِ اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئين ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ جو بل آئيني (ترميم) بل 2026ع (آرٽيڪل 24 ايف) پيش ڪيو گهرو مملڪتي وزير طلال چوڌري چيو ته هي معاملو لاڳاپيل اسٽينڊنگ ڪميٽيءَ کي اماڻيو وڃي جنهن تي ايوان جي راءِ حاصل ڪرڻ کان پوءِ بل لاڳاپيل اسٽينڊنگ ڪميٽي ڏانهن اماڻيو ويو

بقايا 9 ناڻي وزير

چيو آهي ته پاڪستان ڇهن سالن کان پوءِ عالمي بانڊ مارڪيٽ ۾ واپسيءَ لاءِ تيار آهي، سڌارن جي رستي تي قائم رهڻو پوندو ڇاڪاڻ ته اهو ئي پائيدار ترقيءَ جو واحد حل آهي هن اها ڳالهه بلوم برگ کي هڪ انٽرويو ۾ چئي ناڻي واري وزير چيو ته حڪومت ايندڙ ڪجهه هفتن ۾ مالي صلاحڪارن جي چونڊ لاءِ تجويز جاري ڪندي، حڪومت ان ڳالهه جو جائزو وٺي رهي آهي ته ڊالر يورو يا اسلامي سڪوڪ بانڊ جاري ڪيا وڃن ان سان گڏوگڏ پاڪستان جلد ئي پنهنجي تاريخ جو پهريون پانڊا بانڊ به متعارف ڪرائڻ جي تياري ڪري رهيو آهي ناڻي واري وزير چيو ته پاڪستان معاشي استحڪام جي ميدان ۾ اهم ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن مهانگائي، وياج جي شرح مالي خسارو ۽ ڪرنٽ اڪائونٽ سميت سمورا معاشي اهڃاڻ بهتري طرف وڃي رهيا آهن هن چيو ته پرڏيهه مان آيل ناڻي جا ذخيرا جون تائين 3 مهينن جي آمدني واپار برابر ٿيڻ جي اميد آهي جيڪو عالمي معيار سمجهيو وڃي ٿو رپئي تي فوري دٻاءُ ناهي، ڇاڪاڻ ته ادائگين جو توازن بهتر ٿيو آهي، ناڻي واڌ ۾ واڌ ٿي آهي ۽ خدمتن جو روانگي واپار وڌي رهيو آهي رپيو گذريل اٽڪل ڏيڍ سال کان مستحڪم آهي ناڻي واري وزير چيو ته معاشي استحڪام سان گڏوگڏ ڊگهي عرصي کان التوا جو شڪار سڌارا به ڪيا پيا وڃن، جن ۾ سرڪاري ادارن جي نجڪاري ۽ ٽيڪس نيٽ کي وسيع ڪرڻ شامل آهي قومي ايئرلائن کي گذريل مهيني وڪرو ڪيو ويو آهي هاڻي حڪومت نيويارڪ جي روز ويلٽ هوٽل ۾ پنهنجو حصو وڪرو ڪرڻ، وڏن هوائي اڏن جي انتظامن کي آئوٽ سورس ڪرڻ ۽ اٽڪل ٻه درجن ٻين سرڪاري ادارن جي نجڪاري تي غور ڪري رهي آهي هن واضح ڪيو ته حڪومت جي ترجيح روانگي واپار تي ٻڌل ترقي آهي ته جيئن آمدني واپار تي ڀاڙڻ سبب بار بار پيدا ٿيندڙ ادائگين جي بحران کان بچي سگهجي ناڻي واري وزير چيو ته اسان کي سڌارن جا رستا قائم ڪرڻا پوندا

بقايا 10 افسوس جو اظهار

سپورٽ پروگرام جي چيئرپرسن سينيٽر روبينه خالد ڪراچي گل پلازا ۾ پيش آيل حادثي تي افسوس جو اظهار ڪيو آهي گذريل ڏينهن هتي جاري بيان مطابق سينيٽر روبينه خالد چيو ته حادثي ۾ فوتين جي مغفرت لاءِ دعا ڪئي آهي، حادثي ۾ فوتين جي پونئرن جي ڏک ۾ برابر شريڪ آهيان

بقايا 11 منصوبن تي ويچار

پروگرام) مسٽر عثمان ديوني سان ملاقات ڪئي جنهن ۾ صوبي ۾ جاري ۽ ايندڙ وڏن ترقياتي منصوبن جو جائزو ورتو ويو ۽ انهن تي عملدرآمد جي رفتار تيز ڪرڻ بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ملاقات ۾ عالمي بينڪ جي صدر جي متوقع دوري جي حتمي تيارين پاڻي جي بنيادي ڍانچي ۽ سماجي تحفظ جي پروگرامن ۾ اڳڀرائي تي خاص ڌيان ڏنو ويو ملاقات دوران وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سنڌ جي ترجيحن ۽ اصلاحي ايجنڊا تي روشني وجهندي چيو ته اسان اهڙن ساختي سڌارن لاءِ پرعزم آهيون جيڪي عوام لاءِ حقيقي ۽ ماپ لائق نتيجا آڻين هن چيو ته عالمي بينڪ سان شراڪتداري پاڻي جي فراهمي ۾ بهتري، ٻارن ۾ غذائي قلت گهٽائڻ ۽ سماجي تحفظ جي دائري کي وڌائڻ لاءِ انتهائي اهم آهي، جيئن ترقي جا فائدا سنڌ جي سڀ کان وڌيڪ ڪمزور آبادي تائين پهچي سگهن. عثمان ديوني سنڌ سان عالمي بينڪ جي ڊگهي مدي واري لاڳاپن ۽ عزم جي تصديق ڪندي چيو ته پاڪستان ۾ عالمي بينڪ لاءِ سنڌ هڪ اهم شراڪتدار صوبو آهي اسان گڏجي ڪم ڪري رهيا آهيون ته جيئن شهري ۽ ديهي علائقن ۾ محفوظ پيئڻ جو پاڻي ماءُ ۽ ٻار جي بهتر صحت، ۽ غريب خاندانن لاءِ مضبوط حفاظتي نيٽ ورڪ جهڙا هدف عملي نتيجن ۾ تبديل ٿي سگهن وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ عالمي بينڪ جي ريجنل نائب صدر عثمان ديوني سنڌ لاءِ ڪيترن ارب ڊالرن تي ٻڌل ترقياتي منصوبن جي پورٽ فوليو جو تفصيلي جائزو ورتو مسٽر ديوني هن ترجيح کي ساراهيندي چيو ته ديهي علائقن ۾ پاڻي صفائي ۽ حفظان صحت ۽ سيوريج ترقي جي شعبي ۾ انتهائي وڌيڪ فائدو ڏيندڙ ثابت ٿئي ٿي سنڌ حڪومت سان گڏجي اسين اهو يقيني بڻائڻ چاهيون ٿا ته هر صحتمند نمونو ٻار باقاعدگي سان اسڪول وڃن ۽ پنهنجي مڪمل صلاحيتن کي اجاگر ڪن سماجي تحفظ: ملاقات ۾ ٻڌايو ويو ته سماجي تحفظ لاءِ فنڊز جي ادائيگيون وڌي 58.31 ملين ڊالر تائين پهچي چڪيون آهن جن ۾ ماءُ ۽ ٻار جي معاونتي پروگرام تي خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي، وڏي وزير سماجي تحفظ جي اهميت اجاگر ڪندي چيو ته ماءُ ۽ ٻار جو معاونتي پروگرام خاندانن کي صحت جي بحرانن يا آمدني ۾ گهٽتائي سبب وڌيڪ غربت ۾ وڃڻ کان بچائڻ لاءِ تيار ڪيو ويو آهي

بقايا 12 دورو

ترقياتي ڪمن جو دورو ڪيو ان موقعي تي چيئرمين رٿابندي نجم شاهه سيڪريٽري آبپاشي ظريف کيڙو سپرنٽينڊنٽ انجنيئر سانول ڪريم ۽ ٻيا آفيسر پڻ صوبائي وزير سان گڏ هئا صوبائي وزير کي بي فيڊر جي سي سي لائيننگ جي مختلف حصن جو معائنو ڪيو ۽ منصوبي تي هلندڙ ترقياتي ڪمن ۽ ٻين معاملن بابت تفصيلي بريفنگ حاصل ڪئي آفيسرن صوبائي وزير کي منصوبي جي ڊائري کان اڏاوتي حڪمت عملي هينئر تائين حاصل ڪيل هدفن ۽ ايندڙ هدفن کان آگاهه ڪيو صوبائي وزير کي واهه جي ٽيڪنيڪي طور تي مشڪل ٽڪري حصي جو پڻ دورو ڪرايو ويو جتي ڳري مشينري جهڙوڪ ايڪسڪيويٽر ۽ هائيڊرولڪ بريڪر سخت پٿرن کي ڪٽي واهه جي اڏاوت ۽ لائيننگ ۾ مصروف هئا

بقايا 13 ڳالهيون

جنهن ۾ پاڪستان ۽ انڊونيشيا وچ ۾ ٻه طرفي واپار سيڙپڪاري ۽ شعبن جي سهڪار کي هٿي وٺرائڻ جو جائزو ورتو ويو ملاقات دوران وفاقي وزير پاڪستان جي بدلجندڙ واپاري حڪمت عملي کان آگاهه ڪيو جنهن ۾ چانورن جي روانگي واپار کي خاص ترجيح حاصل آهي هن چيو ته پاڪستان عالمي سطح تي اعليٰ معيار جي چانورن جو روانگي واپار ڪندڙ ملڪ آهي جڏهن ته عالمي مارڪيٽ ۾ قيمتن جي دٻاءُ ۽ وڏن ملڪن جي پاليسي مداخلت سبب چئلينجز درپيش آهن حڪومت معيار برقرار رکندي قيمتن ۾ مقابلي وڌائڻ لاءِ مالي ۽ واپاري قدمن تي ڪم ڪري رهي آهي جام ڪمال خان انڊونيشيا سميت چونڊيل پائيدار ملڪن سان اوپن مارڪيٽ ۽ حڪومت کان حڪومت (جي ٽو جي) فريم ورڪ تحت سهڪار جي تجويز پيش ڪئي ۽ پاڪستان - انڊونيشيا چانور سهڪار فريم ورڪ جي بحاليءَ تي زور ڏنو هن ٻڌايو ته 2015ع ۾ طئي ٿيل چانورن جي مفاهمتي ياداشت جيڪا سالياني 10 لک ميٽرڪ ٽن تائين چانورن جي جي ٽو جي بنياد تي فراهميءَ بابت هئي 2019ع ۾ ختم ٿي چڪي آهي پاڪستان اهو نظرثاني ٿيل مسودو انڊونيشيا جي ڌر کي موڪلي ڇڏيو آهي ۽ جلد حتمي شڪل ڏيڻ جي اميد ظاهر ڪئي وفاقي وزير زرعي روانگي واپار خاص ڪري ڪينو بابت مسئلا به اٿاريا. هن چيو ته انڊونيشيا طرفان آمدني واپار جي ڪوٽا جي جاري ڪرڻ ۾ دير سان روانگي واپار ڪندڙن ۽ آبادگارن کي نقصان پهچي سگهي ٿو وڌيڪ اهو ته ڪينو لاءِ غذائي زرعي جاچ جو انگ 8 مان وڌائي 24 ڪرڻ تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪيو جنهن سان لاڳت ۽ وقت ۾ واڌ ٿئي ٿي ان سلسلي ۾ انڊونيشيا جي نباتات واري کاتي جي تحفظ واري اختيارين سان رابطي ۾ آهيون زراعت کان علاوه ملاقات ۾ توانائي، بائيو ڊيزل، معدنيات، بنيادي ڍانچي ۽ خاص ڪري اقتصادي زونز ۾ سهڪار جي امڪانن تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

بقايا 14 عطاءُ الله تارڙ

همدردي ملڪي مفاد جي خلاف آهي، پي ٽي آءِ ملڪ ۾ انتشار جي سياست ۽ گارگند جي ڪلچر کي فروغ ڏنو. ٽي ٽي پي جو خاتمو يقيني بڻايو ويندو قومي بيانيي جي خلاف شرانگيزي پکيڙيندڙن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو معرڪه حق ۾ فتح تي ڀارت اڃا تائين پنهنجي زخمن تي لوڻ ٻرڪي رهيو آهي ملڪي سلامتي جي لاءِ پاڪ فوج قربانين جي نئين داستان لکي رهي آهي اهڙن خيالن جو اظهار هن پاڪستان فيڊرل يونين آف ڪالمسٽ اينڊ رائيٽرز (پي ايف يو سي) جي عهديدارن جي حلف برداري تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو ان موقعي تي ناليوار اينڪر پرسن سهيل وڙائچ، صحافي عبدالمجيد ساجد، تجزيه نگار تجمل ولي خان پي ايف يو سي جي چيئرمين فرخ شهباز مرڪزي صدر فريد رزاقي سيڪريٽري جنرل محمد وقار اسلم سينيئر نائب صدر محمد علي عمر جنجوعه اسلام آباد چيپٽر نائب صدر تنظيمي معاملا اظهر لراج، مرڪزي سيڪريٽري اطلاعات سعديه خالد، نائب صدر آر اينڊ ڊي ڊاڪٽر شهباز عباسي، ترجمان مرڪزي صدر نديم مشتاق ميو صدر وومين ونگ مهوش فضل جٽ، جوائنٽ سيڪريٽري روزينه فيصل، صدر پنجاب رضوان الله خان صدر سنڌ اختر ايوب خان صدر آزاد ڪشمير ڊاڪٽر عثمان غني صدر خيبرپختونخواهه عالم زيب وڙائچ صدر بلوچستان زردار ڪاڪڙ سميت ٻيا نمائندا موجود هئا. اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاء الله تارڙ چيو ته معاشري ۾ صحافين جو ڪردار جمهوري عمل جي مضبوطي ۾ ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت رکي ٿو حڪومت صحافين جي مسئلن جي حل لاءِ پرعزم آهي ۽ انهن جي روزگار جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ سمورا وسيلا استعمال ۾ آندا پيا وڃن هن چيو ته حڪومت اظهار راءِ جي آزادي تي يقين رکي ٿي ڇو ته جنهن معاشري ۾ اختلاف راءِ نه هجي اهو معاشرو پاڻ زوال طرف وڌي وڃي ٿو جڏهن ته اظهار راءِ جي آزادي جي آڙ ۾ ملڪي سلامتي کي خطري ۾ وجهڻ جي هرگز اجازت نه ٿي ڏئي سگهجي. وفاقي وزير چيو ته اظهار راءِ جي آزادي سان گڏ ذميواري، اخلاقيات ۽ پيشيوراڻي قدرن جو هجڻ لازمي آهي ڇو ته بي لغام ڊيجيٽل پليٽ فارمز معاشرتي انتشار ۽ گمراهه ڪندڙ بيانيي کي فروغ ڏئي سگهن ٿا. ڊيجيٽل ميڊيا جي حوالي سان پاليسي سازي جي ضرورت تي زور ڏيندي وفاقي وزير چيو ته حڪومت جديد صحافت جي فروغ جي لاءِ ميڊيا جي ادارن سان گڏجي صحافين کي عالمي سطح جي تربيت ۽ اسڪالرشپس جي فراهمي جو ارادو رکي ٿي. هن چيو ته اختلاف راءِ ڪنهن به جمهوري معاشري جو بنياد هوندو آهي ۽ تنقيد جيڪڏهن اصلاح جي نيت سان هجي ته ان کي خوش دلي سان قبول ڪرڻ گهرجي. عطاء الله تارڙ چيو ته ڊيجيٽل ميڊيا جي تيز رفتار ترقي جي باوجود ان جي لاءِ واضح اداراجاتي ڍانچو يا تحفظاتي نظام موجود نه آهي. جنهن جي ڪري صحافت ۽ غيرذميوار مواد جي وچ ۾ فرق ختم ٿيندو پيو وڃي. هن چيو ته هر ماڻهو جيڪو موبائيل فون رکي ٿو پاڻ کي صحافي يا تجزيه نگار سمجهڻ لڳو آهي. جنهن سان پيشيوراڻي صحافت کي نقصان پهچي رهيو آهي. وفاقي وزير پيڪا قانون تحت تجويز ڪيل ريگيوليٽري ادارن جي قيام جي حوالي سان چيو ته سمورين لاڳاپيل ڌرين سان مشاورت ڪانپوءِ قابل عمل ۽ متوازن نظام جوڙيو ويندو هن واضح ڪيو ته اطلاعات واري وزارت جو مقصد صحافت کي فروغ ڏيڻ آهي نه ڪي اظهار راءِ تي پابندي لڳائڻ. هن چيو ته سياسي اختلافن جو حل ٽڪراءُ نه آهي پر ڳالهه ٻولهه آهي ۽ هو پنهنجي ذات، پارٽي ۽ قيادت تي ٿيندڙ تعميري تنقيد کي برداشت ڪرڻ جو حوصلو رکن ٿا. ڊيجيٽل صحافين جي روزگار ۽ تحفظ جي حوالي سان عطاء الله تارڙ چيو ته اڄ نئين ميڊيا سان واڳيل ڪارڪنن جي لاءِ ڪنهن به قسم جو قانوني تحفظ موجود نه آهي جنهن جي ڪري ڪيترائي صحافي بيروزگار ٿيا. هن ٻڌايو ته حڪومت اهڙن متاثر صحافين جي لاءِ روزگار جا موقعا فراهم ڪيا آهن ۽ ڊيجيٽل يونين جي قيام جي حمايت پڻ ڪئي ويندي. وفاقي وزير ڊيجيٽل ڪانٽينٽ ڪريئيٽرز تي ٽيڪس بابت ڳالهه ٻولهه ڪندي چيو ته جهڙي طرح هڪ پگهاردار طبقو ٽيڪس ادا ڪري ٿو اهڙي طرح آن لائين پليٽ فارمز سان به وڏي آمدني حاصل ڪندڙن کي پڻ قومي ذميواري نڀائڻي پوندي. هن مرحوم صحافين ۽ اديبن کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو ته قلمڪار پنهنجي خيالن لکڻين جي ذريعي سدائين زندهه رهن ٿا ۽ موجوده دور جي ليکڪن ۽ ڪالم نگارن جي قدر ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. ميڊيا ادارن جي مالي مسئلن تي ڳالهه ڪندي اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير چيو ته وزارت سنڀالڻ جي پهرين هفتي ئي اٽڪل ڏيڍ ارب رپين جون رقمون ڪليئر ڪيون ويون. هن ميڊيا مالڪن تي زور ڏنو ته ادائيگين جو فائدو سڌوسنئون صحافين ۽ ميڊيا ورڪرز تائين پهچڻ گهرجي. عطاء الله تارڙ صحافين ۽ ڪريئيٽرز جي لاءِ تربيتي پروگرامن اسڪالرشپس ۽ تحقيقي موقعن جي فراهمي جي حوالي سان چيو ته اهي قدم گڏيل قومن جي ترقياتي پروگرام (يو اين ڊي پي) ۽ انسٽيٽيوٽ آف بزنس ايڊمنسٽريشن (آءِ بي اي) ڪراچي جي تعاون سان کنيا ويندا. هن چيو ته پارٽي قائد محمد نواز شريف ۽ وزيراعظم محمد شهباز شريف سدائين سياست ۾ رواداري کي فروغ ڏنو اسان جڏهن حڪومت سنڀالي ملڪي مفاد جي لاءِ مفاهمت کي ترجيح ڏني. چونڊ مهم دوران جڏهن باني پي ٽي آءِ اسٽيج تان ڪري زخمي ٿيو ته اسان جا قائدين سندس صحت پڇڻ جي لاءِ چونڊ مهم ڇڏي اسپتال ويا ۽ ڀائيچاري جي سياست کي فروغ ڏنو جڏهن ته پي ٽي آءِ ملڪ ۾ نفرت، گارگند ۽ انتشار جي سياست کي پروان چاڙهيو پي ٽي آءِ وارن جي سوچ محدود ۽ رويو افسوسناڪ آهي، سياسي اختلاف جي آڙ ۾ عورتن تي گند اڇلائڻ انهن جو شيوو بڻجي چڪو آهي ۽ اهو طرز عمل ڪنهن مهذب معاشري ۾ قبول نٿو ڪري سگهجي. خيبرپختونخواهه ۾ پي ٽي آءِ جي ڪارڪردگي ٻُڌي آهي صوبي جي عوام جو حال پڇڻ وارو ڪوبه نه آهي. خيبرپختونخواهه جو وڏو وزير نعرا هڻي ٿو عشق باني پي ٽي آءِ ۾ ماريو ويندس جنهن تي ڪل اڇي ٿي، صوبي ۾ سندس ڪارڪردگي ٻُڌي آهي صحت، تعليم، انفراسٽرڪچر ۽ ٻين شعبن جي حالت خراب آهي پڇيو وڃي ته عوامي شعبن ۾ ڪهڙا سڌارا آندا، انهن وٽ ڪو جواب ناهي هوندو. حالت اها آهي ته انهن جي وزيرن تائين خيبرپختونخواهه جي اسپتالن ۾ پنهنجو علاج نه ٿا ڪرائين پي ڪي ايل آءِ ڪارڊيالوجي سميت ٻين پنجاب جي اسپتالن ۾ اڪثريت خيبرپختونخواهه مان آيل مريضن جي هوندي آهي. هن چيو ته خيبرپختونخواهه جي درجنين يونيورسٽين ۾ عملو موجود نه آهي ڪيترا ضلعا اهڙا آهن جتي عورتن جي لاءِ هڪ به ڪاليج موجود نه آهي خيبرپختونخواهه مان اربين رپين جي ڪرپشن جا اسڪينڊل سامهون اچن ٿا پر پي ٽي آءِ انتشار جو ڪو موقعو هٿان وڃڻ نه ٿي ڏي وفاقي وزير چيو ته پي ٽي آءِ دهشتگردن جي ڀلائي ڪري ٿي انهن جو سڄو فوڪس آهي ته دهشتگردن کي ڪجهه نه چئو هن چيو ته جيڪڏهن واقعي ڪنهن ۾ جرئت آهي ته اهو دهشتگردي جهڙي اصل ۽ سنگين مسئلي تي واضح موقف اختيار ڪري، وفاقي وزير عطاء الله تارڙ واضح ڪيو ته ٽي ٽي پي پاڪستان جي دشمن آهي ۽ رياست دهشتگردن جو آخري دم تائين پيڇو ڪندي هن چيو ته اهو حوصلو ۽ اعتماد پاڪ فوج، سيڪيورٽي ادارن ۽ انهن جوانن تي مڪمل يقين جو نتيجو آهي جيڪي روزانو پنهنجي حياتي خطري ۾ وجهي ملڪ جي دفاع جي لاءِ گهرن مان نڪرن ٿا هن چيو ته سيڪيورٽي ادارن جي خلاف ڪنهن به قسم جي توهين هرگز قبول نه آهي، قومي بيانيي جي خلاف شرانگيزي پکيڙيندڙن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو هن وڌيڪ چيو ته قومي بيانيي جي خلاف ڪنهن به قسم جي ڳالهه ٻولهه ابهام يا نرم رويو هرگز برداشت نه ڪيو ويندو ڇو ته دهشتگردي جي معاملي تي ابهام اصل ۾ دهشتگردن کي فائدو پهچائڻ جي برابر آهي. هن چيو ته دهشتگردن جي لاءِ ڪنهن به قسم جو نرم گوشو يا رعايت پاڪستان جي مفاد جي خلاف آهي هن واضح ڪيو ته سياسي تحريڪون ڀلي سٺو پيرا هلايون وڃن

بقايا 15 ملتوي

ڪيو ويو اڳاري ڏينهن سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني جي صدارت هيٺ اجلاس منعقد ٿيو اجلاس جي شروعات تي روزانو جي معاملن سان لاڳاپيل سوال ۽ جواب جو مرحلو معطل ڪيو ويو اجلاس دوران مختلف بل ۽ اسٽينڊنگ ڪميٽين جون رپورٽون ايوان ۾ پيش ڪيون ويون بعد ۾ اجلاس جي ڪارروائي مڪمل ٿيڻ تي پريزائيڊنگ آفيسر سينيٽر پرويز رشيد، سينيٽ جو اجلاس جمعي جي صبح 10 وڳي تائين ملتوي ڪري ڇڏيو

بقايا 16 ذخيرو دريافت

کوهه براڳڙي ايڪس ون مان تيل ۽ گئس جو هڪ وڏو ذخيرو دريافت ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي هن کوهه مان روزانو 3100 بيرل ڪچو تيل ۽ 8.15 ملين اسٽينڊرڊ ڪيوبڪ فٽ گئس جي پيداوار حاصل ٿي رهي آهي، نشپا بلاڪ ۾ اها او جي ڊي سي ايل جي هڪڙي مهيني دوران ٽئين دريافت آهي

بقايا 17 نوٽيس جاري

ڪي رقمن جي عدم ادائگي تي سيڪريٽري فنانس کي توهين عدالت جو نوٽيس جاري ڪندي وضاحت طلب ڪئي آهي، گذريل ڏينهن سي پي اين اي خيبرپختونخواهه جي چيئرمين طاهر فاروق پاران شاهد نسيم چمڪني ۽ احسن مسعود ايڊووڪيٽ معرفت داخل ڪيل توهين عدالت جي درخواست تي اهو حڪم جاري ڪيو ويو.

بقايا 18 هيروئن برآمد

آئس ۽ 60 ڪلوگرام هيروئن برآمد ڪري ورتي آهي صوبائي وزير ايڪسائيز ٽيڪسيشن ۽ نارڪوٽڪس ڪنٽرول سنڌ مڪيش ڪمار چاولا تفصيلن کان آگاهه ڪندي ٻڌايو ته نارڪوٽڪس ڪنٽرول ونگ ضلعي اولهه جي ٽيم منشيات اسمگلنگ جي ڪوشش کي وڏي مهارت سان ناڪام بڻايو صوبائي وزير ايڪسائيز سنڌ مڪيش ڪمار چاولا ٻڌايو ته ڪارروائي ٻن مرحلن ۾ مڪمل ڪئي وئي، پهرين ڪارروائي حب چوڪي تي ٽويوٽا پڪ اپ ريورو نمبر LB-8950 تي ڪئي وئي، جتي گاڏي جي خفيه خانن ۾ وڏي مهارت سان لڪايل 240 ڪلو 350 گرام آئس ۽ 60 ڪلوگرام هيروئن هٿ ڪئي وئي

بقايا 19 اورنگزيب کچي

جنهن بعد درگاهه جي صحن ۾ راڳي فقيرن کان ڀٽائي رحه جو راڳ ٻڌو ان موقعي تي وفاقي وزير براءِ نيشنل هيريٽيج اينڊ ڪلچر محمد اورنگزيب کچي عبرت سان ڳالهائيندي چيو ته درگاهه حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ تي حاضري اسان لاءِ وڏي برڪت جو سبب آهي هتي اچي روحاني سڪون ۽ دل جو اطمينان محسوس ٿئي ٿو. هن چيو ته هن دربار مان جيڪو روحاني فيض ماڻهن کي حاصل ٿئي ٿو اهو اڄ به پوري طرح سان جاري آهي ۽ اسان دعاگو آهيون ته الله تعاليٰ هن فيض کي هميشه قائم رکي ته جيئن ماڻهن جي رهنمائي ٿئي ۽ سندن زندگين ۾ بهتري اچي. وفاقي وزير چيو ته حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي زندگي ۽ سندن ڪلام انسانيت، محبت ۽ امن جو عظيم پيغام ڏئي ٿو جنهن مان اسان سڀني کي ڀرپور فائدو حاصل ڪرڻ گهرجي. سنڌ ۾ ثقافتي سرگرمين جي دوري بابت هن چيو ته ڪو به ڪم مڪمل نه هوندو آهي هر جاءِ تي وڌيڪ بهتري جي گنجائش هوندي آهي ان لاءِ منهنجي پنهنجي کاتي صوبائي حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن کان اها اميد آهي ته هو سنڌ جي ثقافتي ورثي پاڪستان جي ثقافت ۽ قومي اثاثن کي دنيا آڏو وڌيڪ بهتر نموني پيش ڪندا.

بقايا 20 فيصلو

پيپلز پارٽي جي ٽائون چيئرمينن جو هڪ اهم ۽ پاليسي نوعيت جو اجلاس منعقد ٿيو اجلاس جي شروعات سانحي گل پلازا ۾ قيمتي انساني جانين جي ضياع تي گهري ڏک افسوس ۽ شهيدن لاءِ دعاءِ مغفرت سان ڪئي وئي اجلاس کي خطاب ڪندي ناصر حسين شاهه چيو ته حڪومت سنڌ بلدياتي ادارن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ عملي ۽ ٺوس قدم کڻي رهي آهي ۽ اختيارن جي هيٺين سطح تائين منتقلي صوبائي حڪومت جي پاليسي جو بنيادي ستون آهي هن چيو ته وزيراعليٰ سنڌ جي هدايتن تي بلدياتي نظام ۾ سڌارا، مالي خودمختياري ۽ اداراجاتي بهتري لاءِ قدم کنيا پيا وڃن ته جيئن عوامي مسئلن جو حل مقامي سطح تي فوري طور ممڪن بڻائي سگهجي.

بقايا 21 شرجيل ميمڻ

تي ڪراچي شهر ۾ اليڪٽرڪ بسون متعارف ڪرايون آهن هي ويزن پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت ۽ سنڌ حڪومت جو آهي. اسان کان پوءِ پنجاب حڪومت به اي وي بسون شروع ڪيون اسان رڳو اي وي بسون تائين محدود نه رهياسين، پر اي وي اسڪوٽيز به شروع ڪيون ۽ هاڻي اي وي ٽيڪسيون شروع ڪرڻ وڃي رهيا آهيون سنڌ اسيمبلي ۾ خطاب ڪندي هن چيو ته آئون سدائين ڪابينا ۾ اي وي گاڏين جي حمايت ڪندو آيو آهيان اسان کي اهو سمجهڻ گهرجي ته حڪومتون پيٽرول جي مد ۾ ڪيترو خرچ ڪن ٿيون ۽ اهڙي حڪمت عملي ڏاڍي پوندي

بقايا 22 ناصر عباس

ناصر عباس چيو ته الله پاڪ سيني نبين کي عدل ۽ انصاف لاءِ موڪليو رياستي ٿنڀ ڪمزور ٿي چڪا آهن ۽ قانون جي بالادستي ختم ٿيندي پئي وڃي هن چيو ته ڪجهه دهشتگردن جي گولا ۾ سڄي علائقي جو گهيرو ڪيو ويندو آهي.

بقايا 23 وڏو وزير

هن چيو ته نجي شعبي جون ڀائيواريون ۽ قدم سرڪاري ڪوشش کي مڪمل ڪن ٿا جيئن هڪ جوابده ۽ جامع تعليمي فريم ورڪ جوڙي سگهجي هو بي اي سي ايچ ايس ڪيمپس ۾ بيڪن هائوس جي گولڊن جوبلي تقريب کي خطاب ڪري رهيو هو جتي اداري جي تعليم جي شعبي ۾ پنجاهه سالن جي خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪيو ويو وڏي وزير بيڪن هائوس جي ان سفر کي ساراهيو جيڪو 1975ع ۾ هڪ ننڍڙي مونٽيسوري اسڪول کان شروع ٿي اڄ دنيا جي وڏن نجي تعليمي نيٽ ورڪن مان هڪ بڻجي چڪو آهي

بقايا 24 وفاقي حڪومت

اجلاس دوران بچاءَ واري وزير پنهنجن خيالن جو اظهار ڪري رهيو هو ته بار بار اقبال آفريدي گوڙ ڪري رهيو هو جنهن کي مخاطب ٿيندي خواجه محمد آصف چيو ته اوهان جي حڪومت کي دهشتگردن خلاف ڪارروائي جو موقعو ڏنو ويو پر اوهان جي حڪومت ته پنهنجن مفادن پويان لڳي وئي جنهن تي هر ان جڳهه تي سيڪيورٽي فورسز آپريشن ڪري رهي آهي جتي دهشتگرد موجود آهن بچاءَ واري وزير خواجه آصف چيو آهي ته 18هين ترميم هڪ دڙڪو ثابت ٿي آهي، سمورا اختيار صوبائي حڪومتن ڏانهن منتقل ٿي ويا آهن ڪراچي ۾ پيش آيل واقعا ان ڳالهه جي گهر ڪن ٿا ته اختيار هيٺين سطح تي منتقل ڪيا وڃن قومي اسيمبلي ۾ خطاب ڪندي بچاءَ واري وزير خواجه آصف گل پلازا سانحي تي افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته ڪراچي ۾ باهه وارو واقعو پيش آيو جنهن تي جيترو به افسوس ڪجي گهٽ آهي.

بقايا 25 صدر

ٿيڻ تي افسوس جو اظهار ڪندي افغانستان ۾ وڌندڙ بدامني باوجود ترقياتي ڪمن ۾ مصروف چيني شهرين جي حوصلي ۽ جذبي کي خراج تحسين پيش ڪيو صدر آصف علي زرداري چيو ته چيني شهري سخت خطرن باوجود افغانستان جي ترقي لاءِ ڪردار ادا ڪري رهيا آهن سندس چوڻ هو ته افغانستان ۾ طالبان حڪومت دوحا امن معاهدي تحت ڪيل واعدن جي پاسداري ۾ ناڪام رهي آهي.

بقايا 26 پهچي وئي

ٻوساٽجڻ ۽ سڙڻ سبب 28 ماڻهو فوت ٿي ويا. ملبو هٽائڻ ۽ لاش ڪڍڻ جو عمل جاري آهي جڏهن ته گم ٿيل ماڻهن جي فهرست 83 تائين پهچي وئي آهي ڊاڪٽر سامية طارق موجب فوتين جو انگ 28 ٿي ويو آهي جڏهن ته سيني ماڻهن جو پوسٽ مارٽم پڻ مڪمل ڪيو ويو آهي پوليس سرجن ڊاڪٽر سميعه سيد موجب عورت جي سڃاڻپ مصباح جي نالي سان سندس ڳچيءَ ۾ لڳل پينڊنٽ جي مدد سان ڪئي وئي. پوليس سرجن چيو ته 33 سالن جي مصباح ڌيءَ عرفان جي لاش کي سندس وارثن حوالي ڪيو ويندو گل پلازا سانحي ۾ عورت مصباح جي خاندان جا چار ٻيا ميمبر پڻ گم آهن

بقايا 27 منظور

ميمبر محمد فاروق گل پلازا سانحي جي حوالي سان التوا جي تحريڪ پيش ڪئي جيڪا بحث لاءِ منظور نه ٿي سگهي ايم ڪيو ايم جي ميمبر نجم مرزا پاران هڪ قرارداد جيڪا سنڌ ۾ ٿيليسيميا کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ سنڌ پريوينشن اينڊ ڪنٽرول ٿيليسيميا ايڪٽ 2013 جي شقن جي اثرائتي عملدرآمد سان لاڳاپيل هئي ايوان طرفان متفق طور تي منظور ڪئي وئي. پيش ڪندڙ چيو ته هي بيماري اسان جي ايندڙ نسلن کي کوکلو ڪري رهي آهي 2013 کان اڳ سنڌ ۾ ڪو به قانون نه هو ٿيليسيميا وڌي رهيو آهي هن قانون کي اثرائتي طريقي سان لاڳو ڪيو وڃي پارلياماني معاملن جي وزير ضياء النجار قرارداد جي حمايت ڪندي چيو ته صوبائي حڪومت سڄي سنڌ ۾ مفت ٿيليسيميا سينٽر قائم ڪيا آهن

بقايا 28 هدايت

فليٽ ۾ باهه لڳڻ واري واقعي جو فوري نوٽيس وٺي ڇڏيو آهي. وزيراعليٰ ڊي سي سائوٿ کي هدايت ڪئي آهي ته باهه تي جلد کان جلد ضابطو آندو وڃي ۽ متاثر ماڻهن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪيو وڃي. سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته ماڻهن جي جان ۽ مال کي هر صورت ۾ محفوظ بڻايو وڃي.

بقايا 29 اعلان

اهم گڏيل پريس ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ حڪومتي غفلت، ناقص فائر سيفٽي انتظامن ۽ متاثرن کي بي يارو مددگار ڇڏڻ خلاف سخت رد عمل ظاهر ڪيو ويو پريس ڪانفرنس ۾ 23 جنوري بروز جمعي نماز جمعه ڪانپوءِ گل پلازا جي سامهون ڀرپور احتجاج جو اعلان ڪيو ويو

بقايا 30 گورنر ٽيسوري

زخمن کي مرهم رکڻ جو عزم ظاهر ڪيو آهي هو گورنر هائوس ۾ ڪاروباري برادري جي نمائندن سان گڏ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو هو سنڌ جي گورنر چيو ته گل پلازا سانحو هڪ وڏو الميو آهي ۽ پوائنٽ اسڪورنگ بدران متاثر واپارين کي عملي مدد ڏني وڃي هن اعلان ڪيو ته هو ڪراچي جي ميئر کي خط لکندو ته جيئن متاثر واپارين کي پارڪنگ پلازا صدر ڪراچي ۾ عارضي طور تي ڪاروبار ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي

بقايا 31 زخمي

گمبٽ وڃي رهيو هو ته نوشهرو فيروز جي شهر ڪنڊياري نيشنل هاءِ وي جي ٽول پلازه ويجهو نامعلوم ڌاڙيل ڦر ۾ ناڪام ٿيڻ تي گاڏي تي فائرنگ ڪري وڌي جنهن ۾ گهرو نوجوان 25 سالا راشد علي بروهي موقعي تي ئي مارجي ويو ۽ سندس بيمار والد زخمي ٿي پيو. هن واقعي بعد ڳوٺ ۾ سوڳ واري لهر پکڙجي وئي ۽ نوجوان جو لاش سندس ڳوٺ پوسرڪو پهتو ته ڳوٺ ۾ ڪهرام مچي ويو. ٻئي پاسي هن واقعي جو سخت نوٽيس وٺندي سينيٽر پونجو مل ڀيل سخت مذمت ڪندي فوتي نوجوان جي وارثن سان گهري ڏک جو اظهار ڪيو آهي

بقايا 32 هدايت

رجسٽريشن مهم بابت هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو اجلاس ۾ اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جي ڊائريڪٽر جنرل جينڊر اينڊ سوشل انڪلوژن نگهت صديق ۽ جوائنٽ صوبائي اليڪشن ڪمشنر سنڌ سائين بخش چنڙ شرڪت ڪئي اجلاس ۾ سيڪريٽري تعليم، سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ، ڊي جي نادرا سنڌ سميت ٻين لاڳاپيل عملدارن پڻ شرڪت ڪئي

بقايا 33 فيل تصور ٿيندا

مارڪون کڻندڙ شاگرد فيل تصور ٿيندا. سنڌ جي سرڪاري يونيورسٽين ۽ تعليمي بورڊز واري وزير محمد اسماعيل راهو ٻڌايو ته تعليمي بورڊن ۾ امتحاني نتيجن لاءِ رائج پراڻي نمبر سسٽم کي ختم ڪري عالمي معيار جو نئون "گريڊنگ سسٽم" لاڳو ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي آهي اهو اهم فيصلو انٽر بورڊ ڪوآرڊينيشن ڪميشن جي وفاقي سطح تي ڪيل پاليسي فيصلن جي روشنيءَ ۾ ڪيو ويو آهي محمد اسماعيل راهو ٻڌايو ته نئين گريڊنگ سسٽم جو اطلاق سڄي صوبي ۾ مرحليوار ٿيندو هلندڙ سال 2026ع ۾ نائين ۽ يارهين جي پهرين ساليانين امتحانن کان ان جي شروعات ڪئي ويندي

بقايا 34 خاطري

ڊپارپو جام ڪمال ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد سان گڏ گل پلازا جو دورو ڪيو ۽ صورتحال جو جائزو ورتو ان موقعي تي جام ڪمال چيو ته هي هڪ وڏو سانحو آهي

بقايا 35 ڏک جو اظهار

اڳوڻي سينيئر صوبائي وزير تعليم ۽ ڪرمنل پراسيڪيوشن سروس پير مظهرالحق گل پلازا سانحي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي چيو آهي ته هي واقعو انتهائي دل ڏکوئيندڙ آهي جنهن ۾ قيمتي انساني جانيون ضايع ٿيون آهن هن چيو ته اهڙن واقعن جي شفاف جاچ ۽ ذميوارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ضروري آهي پير مظهرالحق سنڌ حڪومت جي ان قدم جي ساراهه ڪئي متاثرين لاءِ ترت معاوضي لاءِ عملي قدم کنيا ويا آهن

بقايا 36 منتقل

نڪرندڙ ملبو منتقل ڪرڻ جو عمل شروع ڪيو ويو آهي پوليس موجب گل پلازا مان ڪڍيل ملبو پاڪ ڪالوني ۾ قائم ميونسپل ڪارپوريشن (ايم سي) گرائونڊ ڏانهن منتقل ڪيو پيو وڃي ڊمپرن جو چوڻ آهي ته هينئر تائين 75 ڊمپر ملبو ايم سي گرائونڊ منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن ته هر ڊمپر ۾ ملبو سان گڏ برتن، قالين ڪپڙن جا رانديڪا ۽ ٻيون قيمتي شيون شامل آهن

بقايا 37 دعوي

رقم سڙي وڃڻ جي دعوي ڪئي آهي گل پلازا ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي واپاري علاؤالدين شاهه چيو ته اسان کي هفتيوار نقد رقم ملندي آهي جيڪا جمعي ۽ ڇنڇر جي رات گڏ ڪئي ويندي آهي، اسان کي سومر جي صبح جو سڀ نقد رقم جمع ڪرائڻي پوندي آهي واپاري چيو ته اسان جو آفيس عمارت جي ان حصي ۾ واقع آهي

بقايا 38 دڪاندار

دروازا رات جو 10 وڳي بند ڪيا ويندا آهن ۽ صرف ٻه دروازا کليل رکيا ويندا آهن دڪاندارن جو چوڻ آهي ته افسوسناڪ واقعي وقت عمارت ۾ موجود ماڻهن 26 مان 24 دروازا معمول مطابق بند ڏٺا. ڪو به ايمرجنسي ايگزٽ نه هو ۽ باهه تمام تيزي سان پکڙجي رهي هئي سڄي مارڪيٽ دونهين سان ڀريل هئي

بقايا 39 وسائي وئي

گاڏين کي به هٽايو ويو رپورٽ موجب گل پلازا ۾ ٻيهر لڳل باهه کي وسائي ڇڏيو ويو آهي ۽ ڪرين جي مدد سان پلازا جي ڇت تان گاڏين کي هٽايو ويو آهي پلازا جي ڇت تان ڪيترين ئي گاڏين ڪڍيون ويون سيني گاڏين کي محفوظ حالت ۾ انهن جي مالڪن جي حوالي ڪيو ويو گاڏين جي مالڪن پاڻ گاڏيون هلايون ۽ انهن کي محفوظ هنڌ تي منتقل ڪيو انتظاميا موجب گل پلازا جي ڇت تان هاڻي تائين ڪل 10 گاڏيون ۽ هڪ رڪشا کي محفوظ طور تي هٽايو ويو آهي

بقايا 40 ايسراڻي

طور تي فني بنيادن تي پوسٽ فائر اربن سرچ اينڊ ريسڪيو آپريشن جاري آهي وڏي وزير جي بحالي کاتي واري صلاحڪار گيانچند ايسراڻي جو چوڻ آهي ته سرچ آپريشن لاءِ اربن سرچ اينڊ ريسڪيو يونٽس سميت ڊزاسٽر رسپانس گاڏيون موقعي تي موجود آهن ۽ ڪارروائي منظور ٿيل اسٽرڪچرل سيفٽي پروٽوڪول تحت ڪئي پئي وڃي حادثي واري جاءِ تي پنجن مختلف نشاندهي ٿيل پوائنٽس تي هڪ ئي وقت ٿي سرچ آپريشن جاري آهن

بقايا 41 انتظار ڪرڻ لڳا

پلازا ۾ خوفناڪ باهه لڳڻ کان پوءِ علائقو قيامت جي حالت ۾ آهي ملبي هيٺان دٻجي گم ٿيل ماڻهن جا خاندان سخت غم ۽ پريشاني ۾ آهن ڪجهه پيءُ پنهنجن ٻچن جي واپسي جو انتظار ڪري رهيا آهن جڏهن ته ٻيا پنهنجي پيءُ جي هڪ جهلڪ لاءِ بيچين نظر اچي رهيا آهن ڪجهه جي زبان تي پنهنجي ڀاءُ جو نالو آهي جڏهن ته ٻين جي اکين ۾ پنهنجي ڀيڻ جي ياد لاءِ ڳوڙها آهن خوفناڪ باهه کان پوءِ گم ٿيل ماڻهن جا خاندان صدمي ۾ آهن هر چهري تي دل ٽوڙيندڙ بيوسيءَ جو عڪس آهي مائٽ هٿ مٿي ڪري دعا ۾ مصروف آهن

ترقياتي ادارو ڪراچي
پلاٽن جو عظيم الشان عام نيلام
سيڙپڪاري جو سونهري موقعو

KARACHI DEVELOPMENT AUTHORITY

نارٿ ڪراچي ٽائون شپ، ڪورنگي ٽائون شپ ۽ سرجاني ٽائون شپ جي پُر رونق هنڌ تي واقع ڪمرشل پلاٽن جو عام نيلام ذريعي اڱارو تاريخ 3 فيبروري 2026 تي سرجاني ٽائون شپ، جڏهن ته اربع 4 فيبروري 2026 تي نارٿ ڪراچي ٽائون شپ ۽ ڪورنگي ٽائون شپ، سيمينار هال فرسٽ فلور سوڪ سينٽر يونيورسٽي روڊ گلشن اقبال ڪراچي ۾ مٿي ڄاڻايل تاريخن تي صبح 10 وڳي کان عام نيلام ذريعي وڪري لاءِ پيش ڪيا ويندا.

هر پلاٽ جو لي آئوٽ پلان 9TH DP&UD, KDA فلور سوڪ سينٽر ۾ ڏسي سگهجي ٿو

نوٽ: 20 جنوري، 2026 تي پرنٽنگ جي غلطي سبب لسٽ ۾ 04 پلاٽ شامل ٿيڻ کان رهجي ويا هئا جيڪي ٻيهر شامل ڪري اشتهار شايع ڪيو پيو وڃي.

3rd February 2026

SCHEME/ TOWNSHIP	S.No	BLOCK / SECTOR	PLOT NO	(ST)	Type	AREA IN SQ.YDS	Total No. of Plots	Security Deposit	Initial Price to Start the Bid Rs. (Per Sq. Yds)
North Karachi Township	1	5-B/1	LS-1	ST-1	Comm	80	1	5 Lac	60,000
	2	5-B/1	LS-2	ST-1	Comm	80	1	5 Lac	60,000
	3	5-B/1	LS-3	ST-1	Comm	80	1	5 Lac	60,000
	4	5-A/1	LS-31	Comm	Comm	40	1	5 Lac	60,000
	5	5-A/1	LS-32	Comm	Comm	40	1	5 Lac	60,000
Korangi Township	6	35-F	SA-10	Comm	Comm	240	1	10 Lac	85,000
	7	35-F	SA-11	Comm	Comm	240	1	10 Lac	85,000
	8	35-F	SA-13	Comm	Comm	240	1	10 Lac	85,000
	9	6-F	SA-1	ST-9	Comm	250	1	10 Lac	50,000
	10	6-F	SA-2	ST-9	Comm	250	1	10 Lac	50,000
	11	6-F	SA-3	ST-9	Comm	250	1	10 Lac	50,000
	12	6-F	SA-4	ST-9	Comm	250	1	10 Lac	50,000
	13	6-F	SA-7	ST-9	Comm	250	1	10 Lac	50,000
	14	6-F	SA-8	ST-9	Comm	250	1	10 Lac	50,000
	15	6-F	SA-9	ST-9	Comm	250	1	10 Lac	50,000
	16	6-F	SA-10	ST-9	Comm	250	1	10 Lac	50,000
	17	6-F	SA-11	ST-9	Comm	250	1	10 Lac	50,000
	18	6-F	SA-05	ST-9	Comm	498.71	1	10 Lac	48,000
	19	6-F	SA-06	ST-9	Comm	293.32	1	10 Lac	50,000
	20	27	SB-13	ST-2	Comm	333.08	1	10 Lac	70,000
	21	27	SB-14	ST-2	Comm	333.08	1	10 Lac	70,000
	22	27	SB-15	ST-2	Comm	333.08	1	10 Lac	70,000
	23	27	SB-16	ST-2	Comm	333.08	1	10 Lac	70,000
	24	17	ST-1/1		Comm	600	1	10 Lac	75000
	25	17	ST-1/4		Comm	600	1	10 Lac	75000
	26	50-A	ST-19/20		Comm	600	1	10 Lac	60000
	27	31-C/1	ST-7		Comm	936.44	1	10 Lac	85000

4th February 2026

SCHEME/ TOWNSHIP		BLOCK / SECTOR	PLOT NO	(ST)	Type	AREA IN SQ.YDS	Total No. of Plots	Security Deposit	Initial Price to Start the Bid Rs. (Per Sq. Yds)
Surjani Town	28	11-B	SR-2		Comm	248.76	1	5 Lac	8,000
	29	11-B	SR-3		Comm	248.76	1	5 Lac	8,000
	30	11-B	SR-4		Comm	248.76	1	5 Lac	8,000
	31	11-B	SR-5		Comm	248.76	1	5 Lac	8,000
	32	11-B	SR-6		Comm	248.76	1	5 Lac	8,000
	33	11-B	SR-7		Comm	248.76	1	5 Lac	8,000
	34	11-B	SR-8		Comm	248.76	1	5 Lac	8,000
	35	11-B	SR-9		Comm	248.76	1	5 Lac	8,000
	36	11-B	SR-10		Comm	248.76	1	5 Lac	8,000
	37	11-B	SR-11		Comm	248.76	1	5 Lac	8,000
	38	11-B	SR-12		Comm	248.76	1	5 Lac	8,000
	39	11-B	SR-13		Comm	248.76	1	5 Lac	8,000
	40	11-B	SR-16		Comm	248.76	1	5 Lac	8,000
	41	7-A	SB-17		Comm	401.85	1	10 Lac	45,000
	42	11-A	SB-129		Comm	401.85	1	10 Lac	30,000
	43	6-C	SC-5		Comm	803.71	1	10 Lac	35,000
	44	6-C	SC-6		Comm	803.71	1	10 Lac	35,000
	45	6-C	SC-7		Comm	803.71	1	10 Lac	35,000
	46	6-C	SC-8		Comm	803.71	1	10 Lac	35,000
	47	6-C	SC-9		Comm	803.71	1	10 Lac	35,000
	48	6-C	SC-10		Comm	803.71	1	10 Lac	35,000
	49	6-C	SC-19		Comm	803.71	1	10 Lac	35,000
	50	6-C	SC-20		Comm	803.71	1	10 Lac	35,000
	51	6-C	SC-21		Comm	803.71	1	10 Lac	35,000
	52	6-C	SC-22		Comm	803.71	1	10 Lac	35,000
	53	6-C	SC-23		Comm	803.71	1	10 Lac	35,000
	54	6-C	SC-24		Comm	803.71	1	10 Lac	35,000
							54		

پلاٽس الاٽمينٽس عام شرط ۽ ضابطن جي تحت نيلام ڪيا ويندا. واڪ ڏيندڙن جي ڄاڻ ۽ سهولت جي لاءِ هيٺ ڄاڻايل قاعده ۽ ضابطا شايع ڪيا پيا وڃن.

☆ دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙ شرڪت ڪندڙن کي نيلامي جي شروعات کان اڳ هر هڪ پلاٽ جي لاءِ مٿي ڏنل سيڪيورٽي ڊپازٽ جو پي آرڊر پنهنجي (ذاتي اڪائونٽ) مان KDA جي حق ۾ جاري ڪيل هجي جمع ڪرائڻ ڪانپوءِ نيلامي منعقد ڪرائڻ واري آفيسر کان انٽري ٽوڪن حاصل ڪرڻو پوندو. (انٽري ٽوڪن اڳ 2 ڏينهن اڳ آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ KDA پهرين منزل سوڪ سينٽر گلشن اقبال ڪراچي مان حاصل ڪري سگهجي ٿو). هڪ انٽري ٽوڪن تي صرف هڪ شخص کي شرڪت جي اجازت هوندي. نيلامي عمل جي مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ ناڪام واڪ ڏيندڙن کي سيڪيورٽي ڊپازٽ جو پي آرڊر واپس ڪيو ويندو.

☆ سڀ کان وڌيڪ واڪ ڏيڻ واري واڪ ڏيندڙ کي ايراضي جي ڪل قيمت جو 25% جو پي آرڊر (پنهنجي ذاتي اڪائونٽ) مان ٽن ڏينهن اندر لازمي جمع ڪرائڻو پوندو. مذڪوره OV 25% جمع نه ڪرائڻ جي صورت ۾ واڪ منسوخ ڪيو ويندو ۽ سيڪيورٽي ڊپازٽ ضبط ڪئي ويندي.

☆ سڀ کان وڌيڪ واڪ ڏيندڙ کي موقعي تي ئي قومي شناختي ڪارڊ جي فوٽو ڪاپي ۽ ٻي معلومات جمع ڪرائڻي پوندي.

☆ اهڙو ڪامياب واڪ ڏيندڙ جنهن جي آڇ جي KDA طرفان مقرر ڪيل آڪشن ڪميٽي ۽ KDA، Governing Body منظوري ڏيندي. ان کي واڪ جي قبوليت/ايلوڪيشن ليٽر جي اجراءَ جي تاريخ جي 15 ڏينهن اندر ڪل رقم Occupancy Value جي 25% جي ٻي قسط ادا ڪرڻي پوندي ۽ Occupancy Value جو 50% توڙي گهريو وڃي يا نه واڪ جي قبوليت/ ايلوڪيشن ليٽر جي اجراءَ کان 120 ڏينهن اندر جمع ڪرائڻو پوندو. الاٽمينٽ آرڊر فل OV جي ادائگي تي جاري ڪيو ويندو.

☆ ليز جا حق مقرر قائدن ۽ ضابطن مطابق 99 سالن جي لاءِ ڏنا ويندا.

☆ پلاٽ جي درست ايراضي سائيٽ تي ڊيمارڪيشن ۽ ماپ مطابق شمار ٿيندو.

☆ ڪي ڊي اي نيلامي دوران يا نيلامي ڪانپوءِ بنا ڪنهن سبب ڄاڻائڻ جي ڪنهن به واڪ/آڇ کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.

☆ واڪ ڏيندڙ/ ڏيندڙن کي پلاٽ جي خريداري تي FBR جو 10% انڪم ٽيڪس يا (تبديل ٿيل گورنمينٽ پاليسي مطابق) ادا ڪرڻو پوندو.

☆ هي نيلامي پروگرام KDA جي ويب سائيٽ www.kda.gos.pk تي فيس بڪ لائيو ڪوريج ذريعي ڏسي سگهجي ٿو.

تفصيل ۽ معاونت جي لاءِ مهرباني ڪري رابطو ڪيو:
ايڊيشنل ڊائريڪٽر آڪشن لينڊ مئنيجمينٽ KDA ٿرڊ فلور سوڪ سينٽر ڪراچي: فون: (021)99231147

سيد عاطف حسين نقوي
ڊائريڪٽر لينڊ اينڊ مئنيجمينٽ
ٿرڊ فلور سوڪ سينٽر گلشن اقبال ڪراچي

NO.KDA/ADVT-03/2026
INF/KRY No. 0209/2026

iWORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
قانونسازي سان سماجي تحفظ ۽ تعليمي بهتري وارا قدم
صفحو 4

سرمد منصور
گل پلازه شاپنگ مال ۾ باهه:
صفحو 4

شڪر گذاري جو فلسفو
عبدالله عثمان مورائي
صفحو 4

پروفيسر ساجده چنا
وطن جو سچو سپوت هيمون ڪالاڻي!
صفحو 4

وفاقي وزير اورنگزيب خان ڪچي ۽ وفاقي سيڪريٽري اسد الرحمان گيلاني طرفان سنڌالاجي جو دورو

وائيس چانسلر ڊاڪٽر فتح محمد مري ۽ ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف سان ملاقات، ادبي خزاني جي واکاڻ

ريسرچ لائبريري ۾ تاريخي توڙي ناياب ڪتابي ۽ قلمي مواد موجود آهي، جنهن کي ڏسي تمام گهڻو متاثر ٿيو آهيان: اورنگزيب خان ڪچي

دوري جو مقصد پاڪستان جي سمورن ثقافتي ادارن سان رابطا قائم ڪري انهن کي هڪٻئي سان ڳنڍڻ ۽ انهن جي ترقي لاءِ پنهنجو هر ممڪن سهڪار ڪرڻ آهي

ڄامشورو: وائيس چانسلر ڊاڪٽر فتح محمد مري ۽ ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف سان ملاقات ادبي خزاني جي واکاڻ

ڄامشورو (پ ر) ثقافت ڪاتي ۽ قومي ورثي جي وفاقي وزير اورنگزيب خان ڪچي ۽ وفاقي سيڪريٽري اسد الرحمان گيلاني انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جو دورو ڪيو ۽ وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري ۽ سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف سان ملاقات ڪرڻ بعد ساڻن گڏ ميوزيم لائبريري سميت اداري جا مختلف شعبا گهميا ۽ اتي محفوظ تاريخي نوادرات، ثقافتي ۽ تهذيبي ورثي، نامور شخصيتن جي ڪارنامن ۽ علمي خزاني کي تمام گهڻي دلچسپي سان ڏٺو ۽ ان جي بهترين ترتيب ۽ سنڀال جي واکاڻ ڪئي. ان موقعي تي ثقافت ڪاتي ۽ قومي ورثي جي وفاقي وزير اورنگزيب خان ڪچي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌالاجي نه فقط سنڌ پر پوري پاڪستان جو انتهائي اهم علمي ادبي، تاريخي ۽ ثقافتي ادارو آهي، جتي هو اچي تمام گهڻي خوشي محسوس ڪري رهيو آهي. هن اداري ۾ ناياب تاريخي ثقافتي ۽ ادبي ورثي جي بهترين نموني سنڀال ڪئي وئي آهي. هتي ميوزيم ۾ تاريخي، تهذيبي ۽ لوڪ ورثي کي سليقي سان گڏ ڪيو ويو آهي. هن چيو ته ريسرچ لائبريري ۾ قرآن پاڪ جي 6 سئو سال قديمي نسخي سان گڏوگڏ بيو تاريخي توڙي ناياب ڪتابي ۽ قلمي مواد موجود آهي جنهن کي ڏسي هو تمام گهڻو متاثر ٿيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته سندس دوري جو مقصد پاڪستان جي سمورن ثقافتي ادارن سان رابطا قائم ڪري انهن کي هڪٻئي سان ڳنڍڻ ۽ انهن جي ترقي لاءِ پنهنجو هر ممڪن سهڪار ڪرڻ آهي. هن چيو ته سنڌالاجي جهڙا ادارا اسان جو قيمتي اثاثو آهن جن جي ترقي ۽ ترويج اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي. هو پنهنجي وزارت طرفان اداري جي بهتري لاءِ هر ممڪن سهڪار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ ان سلسلي ۾ وائيس چانسلر ڊاڪٽر فتح محمد مري ۽ ڊائريڪٽر سنڌالاجي ڊاڪٽر فياض لطيف سان گڏجي تفصيلي لائحه عمل جوڙيو ويندو. هن چيو ته اسان تمام جلد اسلام آباد ۾ قومي سطح جي علمي ، ادبي ۽ ثقافتي ڪانفرنس منعقد ڪري رهيا آهيون، جنهن ۾ سنڌالاجي کي پڻ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني ويندي، ان سان گڏوگڏ اسان ڪوشش ڪنداسين ته سنڌالاجي اسلام آباد ۾ پنهنجي تاريخي ۽ ثقافتي شين جي نمائش ڪري ته جيئن هن تاريخي ۽ تهذيبي اداري ۾ محفوظ اهم اثاثن جو ملڪ جي ٻين باشعور ماڻهن سان به تعارف ڪرائي سگهجي. هن چيو ته اهڙا پروگرام منعقد ڪرڻ جي سلسلي ۾ سنڌالاجي سان هر قسم جو سهڪار ڪيو ويندو. هن وائيس چانسلر ۽ ڊائريڪٽر جي ڏنل مان ۽ محبت تي سندن ٿورا مڃيا. ان موقعي ثقافت ڪاتي ۽ قومي ورثي جي وفاقي سيڪريٽري اسد الرحمان گيلاني چيو ته سنڌالاجي شاندار ثقافتي ادارو آهي، جتي سنڌ جا خوبصورت ثقافتي رنگ محفوظ ٿيل آهن هتي نامور شخصيتن جا قائم ڪيل ڪارنر متاثر ڪندڙ آهن جن کي هن دور جي تقاضائن موجب ڊجيٽلائيز ڪرڻ جي تمام گهڻي ضرورت آهي. ان سلسلي ۾ اداري طرفان ڪيل پيش رفت ساراهه جوڳي آهي هن چيو ته اسان جي ڪوشش آهي ته وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن وچ ۾ ثقافت ۽ ورثي تي گڏيل سهڪار کي هٿي وٺرائجي ته جيئن اهي وڌيڪ ترقي ماڻي سگهن. اسان ان مقصد تحت ئي سنڌ جي مختلف ثقافتي ادارن جو دورو ڪري رهيا آهيون. ان موقعي تي سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري وفاقي وزير ۽ وفاقي سيڪريٽري کي سنڌ يونيورسٽي اچڻ تي ڀليڪار ڪندي اميد ظاهر ڪئي ته سندن دورو سنڌ يونيورسٽي جي اهم انسٽيٽيوٽ سنڌالاجي لاءِ گهڻو ڪارائتو ثابت ٿيندو. وائيس چانسلر چيو ته ثقافت ۽ ورثي واري ڪاتي جي وفاقي وزير طرفان اسلام آباد ۾ سنڌالاجي جي اسلهه اثاثن جي نمائش واري آڇ زبردست آهي، جنهن کي دل سان قبول ڪندي ترت ئي ان سلسلي ۾ پروپوزل تيار ڪري اڳيرائي ڪئي ويندي. هن وڌيڪ چيو ته سنڌالاجي سنڌ جي تاريخي تهذيبي ثقافتي علمي ۽ ادبي روايتن جو نگهبان ادارو آهي. جنهن کي ڏيهه توڙي پرڏيهه ۾ وڏي ناماچاري حاصل آهي. هن چيو ته سنڌالاجي جي ترقي ۽ واڌ ويجهه سندس ترجيحن ۾ شامل آهي. هن ثقافت ڪاتي جي وفاقي وزير جي سهڪار تي سندس ٿورا مڃيندي ان کي اداري لاءِ سٺو سنوڻ قرار ڏنو ان موقعي تي سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف مهمانن کي رسمي طور ڀليڪار چيو ۽ وائيس چانسلر جي سنڌالاجي جي بهتري جي حوالي سان رهنمائي، همت افزائي ۽ سهڪار جو خصوصي ذڪر ڪندي ان کي پنهنجي لاءِ حوصلا افزا قرار ڏنو هن چيو ته هن تاريخي اداري جي خدمت جي ذميواري وڏي ڀاڳ ۽ سعادت واري ڳالهه آهي. هن چيو ته منهنجي ڪوشش آهي ته انهن روايتن کي ساڳئي تسلسل سان اڳتي وڌايان جيڪي اسان جي محسنن قائم ڪيون. جيڪي اداري جي بنيادي منشور ۾ شامل آهن. هن ثقافت ڪاتي جي وفاقي وزير ۽ سيڪريٽري جي اداري جي حوالي ساڻ خيرخواهي واري جذبي جي ساراهه ڪندي سندن سهڪار جا ٿورا مڃيا. ڊائريڪٽر مهمانن کي سنڌ جي ثقافتي سوکڙي لنگي جا تحفا پڻ پيش ڪيا. ان موقعي تي پاڪستان نيشنل ڪائونسل آف آرٽس اسلام آباد جو ڊائريڪٽر جنرل محمد ايوب جمالي ۽ ڊيپارٽمينٽ آف آرڪيالاجي اينڊ ميوزيمز اسلام آباد جو ڊائريڪٽر جنرل اسد الله ۽ سنڌ يونيورسٽي جو پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر سيد عبدالستار شاهه پڻ موجود هئا.

گل پلازا سانحو،سجاول جو نوجوان عامر علي اڃان تائين لاپتا،والدين سميت خاندان پريشاني ۾ مبتلا

سجاول شهر جو رهواسي عامر علي گل پلازا ۾ ڪاٽن جي دڪان تي ملازم هو،عامر علي بابت ڪا حتمي ڄاڻ سامهون نه اچي سگهي

واقعي واري رات عامر علي فون ذريعي اطلاع ڏني هئي ته هو اندر ڦاٿل آهي،پر ان کان پوءِ سندس سان ڪو به رابطو نه ٿي سگهيو،وارث

گل پلازا سانحي کان پوءِ سجاول شهر ۾ سوڳ جي فضا قائم،لاپتا ماڻهن جا وارث پنهنجن پيارن جي سلامتي لاءِ دعاگو

سجاول(ب ر) گل پلازا ۾ پيش آيل المناڪ سانحي کان پوءِ سجاول شهر جو هڪ نوجوان لاپتا ماڻهن جي فهرست ۾ شامل ٿي ويو آهي. لاپتا نوجوان جي سڃاڻپ عامر علي ولد علي نواز ڪنڀار طور ٿي آهي. جيڪو سجاول شهر جو رهواسي ۽ گل پلازا ۾ ڪاٽن جي دڪان تي ملازم هو. وارثن ٻڌايو آهي ته واقعي واري رات تقريبن يارهن وڳي عامر علي فون ذريعي اطلاع ڏني هئي ته هو اندر ڦاٿل آهي پر ان کان پوءِ سندس سان ڪو به رابطو نه ٿي سگهيو. واقعي کي ٽن ڏينهن کان وڌيڪ وقت گذرڻ باوجود عامر علي بابت اڃان تائين ڪا به ڄاڻ نه ملي سگهي آهي. جنهن سبب والدين سميت سڄو خاندان شديد پريشاني ۽ ذهني اذيت ۾ مبتلا آهي. وارثن جو چوڻ آهي ته سڃاڻپ جي عمل کي مڪمل ڪرڻ لاءِ اڄ ڊي اين اي ٽيسٽ جا نمونا لاڳاپيل ادارن ۾ جمع ڪرايا ويا آهن. متاثر خاندان حڪومت ۽ ريسڪيو ادارن کان اپيل ڪئي آهي ته ڳولا جو عمل وڌيڪ تيز ۽ اثرائتو بڻايو وڃي ته جيئن عامر علي بابت ڪا حتمي ڄاڻ سامهون اچي سگهي. سانحي گل پلازا کان پوءِ سجاول شهر ۾ سوڳ جي فضا قائم آهي جڏهن ته لاپتا ماڻهن جا وارث پنهنجن پيارن جي سلامتي لاءِ دعاگو آهن.

گمبٽ ۾ ڌاڙيلن پاران ڦر دوران فائرنگ،ملي واسي نوجوان ڪرڪيٽر راشد ٻرڙيپوٽو مارجي ويو

ڳوٺ پوسرڪو واسي ڪرڪيٽر راشد ٻرڙيپوٽو پنهنجي ڳوٺ کان بيمار والد غلام رسول جي طعبيت ڏيکارڻ لاءِ گمبٽ وڃي رهيو هو

ڪنڊياري نيشنل هاءِ وي جي ٽول پلازه ويجهو نامعلوم ڌاڙيل ڦر ۾ ناڪام ٿيڻ تي گاڏي تي فائرنگ ڪري وڌي

انتظاميه سان مون رابطو ڪيو آهي ۽ انهن هن واقعي ۾ ملوث جوابدار خلاف ترت ڪارروائي جو يقين ڏياريو آهي:پونجو مل ڀيل

ملي(ڊ ر)تعلقي ملي جي ڳوٺ پوسرڪو جو رهواسي نوجوان ڪرڪيٽر راشد علي ٻرڙيپوٽو گذريل رات پنهنجي ڳوٺ کان پنهنجي پيرسن ۽ بيمار والد غلام رسول جي طعبيت ڏيکارڻ لاءِ گمبٽ وڃي رهيو هو ته نوشهرو فيروز جي شهر ڪنڊياري نيشنل هاءِ وي جي ٽول پلازا ويجهو نامعلوم ڌاڙيل ڦر ۾ ناڪام ٿيڻ تي گاڏي تي فائرنگ ڪري وڌي جنهن ۾ گڀرو نوجوان 25 سالا راشد علي ٻرڙيپوٽو موقعي تي ئي مارجي ويو ۽ سندس بيمار والد زخمي ٿي پيو. هن واقعي بعد ڦر ۾ سوڳ واري لهر پکڙجي وئي ۽ نوجوان جو لاش سندس ڳوٺ پوسرڪو پهتو ته ڳوٺ ۾ ڪهرام مچي ويو. ٻي پاسي هن واقعو جو سخت نوٽيس وٺندي سينيٽر پونجو مل ڀيل سخت مذمت ڪندي فوتي نوجوان جي وارثن سان گهري ڏک جو اظهار ڪيو آهي ۽ چيو آهي ته مون آءِ جي سنڌ سميت مقامي انتظاميه سان مون رابطو ڪيو آهي ۽ انهن هن واقعي ۾ ملوث جوابدار خلاف ترت ڪارروائي جو يقين ڏياريو آهي

جيئي سنڌ محاذ پاران سن ۾ ٿيل پوليس گردي خلاف احتجاجي ريلي

احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب ڪيرو تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

گرفتار قومي ڪارڪنن آزاد ڪري ڪوڙا ڪيس داخل ختم ڪيا وڃن:اڳواڻ

ڪيرو(ن ع)جيئي سنڌ محاذ پاران رهبر ڪميٽي جي ڏنل سڏ تي سن ۾ ٿيل پوليس گردي قومي ڪارڪنن جي گرفتاري خلاف نعمان احمد ڪرن سنگر ٿنڊلال ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سانگهڙ روڊ کان احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب ڪيرو تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن چيو ته رهبر سنڌ سائين جي ايم سيد جي سالگرهه ۾ شرڪت لاءِ ويندڙ قومي ڪارڪنن اڳواڻن کي پوليس گردي ذريعي گرفتار ڪري ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا ويا جنهن جي هو سخت لفظن ۾ مذمت ڪن ٿا ۽ مطالبو ڪيون ٿا ته گرفتار قومي ڪارڪنن آزاد ڪري ڪوڙا ڪيس داخل ختم ڪيا وڃن ٻي صورت۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

ڪيرو: جيئي سنڌ محاذ پاران سن ۾ ٿيل پوليس گردي خلاف احتجاجي ريلي

حالت انتهائي خراب آهي،12سالن کان ملڙائو ڪئنال جي ڪاتي ناهي ٿي،زاهد نون

ملڙائو ڪئنال لاءِ هر سال ڪروڙين رپين جون بجيٽون ٺهن ٿيون سواليا نشان آهي

ٺارهي(ن ع)ٿيل ايسوسيئيشن جي اڳواڻ زاهد نون سب ڊويزن نئو ڪوٽ ملڙائو ڪينال مان نڪرندڙ شير ڊسٽري جي واٽر ڪورس 22 آر ڊي ڪاري موري تي پهچي شير ڊسٽري جي ڪوتائي نه ٿيڻ ۽ ٻين مسئلن تي ڳالهه ٻول ڪئي هنن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته نارا ڪئنال جڏهن کان بند ٿيو آهي اسان پهرين ڊويزن باڪوڙو کان مختلف شاخن ڊويزن تي وڃي وڙڻ ڪيون پيا اسان جي وڃڻ جو مقصد ته ڏسون ته اسان جو سسٽم ڪئين هلي پيو حالت انتهائي خراب لڳي پئي آهي. 12 سالن کان ولي ملڙائو ڪئنال جي ڪاتي ناهي ٿي هر سال ڪروڙين رپين جون بجيٽون ٺهن ٿيون سواليا نشان آهي عوام پهچندي اسان پڇندا سين هي اسان جو حق آهي جواب ڏيو ته 12 سالن جي بجٽ جو ڪٿي استعمال ٿيو آهي جيڪي ايڪسين هتا جي ڊائريڪٽر هئا پنهنجون ماڻهون پيش ڪن ته ٿيل ايسوسيئيشن ريهي ڪاٿين ڪرائين پيا ته معيبر ميمبر ڪعي هوءَ مولا بخش لغاري ڪعي هيس وسير سومرو ڪعي هيس هي سڀ هٿ لسٽ ريڊ لاڻين تي آهن. هنن وڌيڪ چيو ته شير ڊسٽري جي 22 آر ڊي کان لائيننگ جو ڪر غلط ٿيو آهي هتي جهول ڏنو ويو آهي اسان پاڻ پنهنجي مدد ڪاتي ڪرائي ٻن مهينن بعد وري هتي سلٽ جمع ٿي وئي آهي، ٿنهڪري ٿيل تائين پاڻي نٿو پهچي هن کي بهتر ڪيو وڃي. نئون سب ڊويزن مڪمل نظرانداز ٿيل آهي شير ڊسٽري رڻ شاخ ۽ ٻين هنڌن تي ڪاتي ٿيڻ گهرجي هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته ٻاٿي ڪوٽ جو سبب پاڻي چوري ٿيڻ آهي رات جو پاڻي ذريعي ۽ رضايت ڏئي ڪئي وڃي ٿي.اسان کي هن وقت ضرورت آهي ايم اين اي، ايم اين اي، جي ڏهه پندرهن جي وارا بندي آهي مير منور ٽالپر مير طارق ٽالپر نواب تيمور ٽالپر صبا ٽالپر سردار علي ذوالفقار شاهه ارباب

پ پ تعلقه شهدادڪوٽ پاران گل پلازا سانحي تي ڏک جو اظهار

واقعو هر لحاظ سان افسوس ناڪ ۽ ڏکوئيندڙ آهي: آصف لغاري/ دريا خان مستوئي

مخالف سانحي تي سياست ڪرڻ بدران مثبت ۽ تعميري موٽ ڏين: واجد چانڊيو/ عبدالخالق خان چانڊيو

شهدادڪوٽ(ب ر) پ پ پ تعلقه شهدادڪوٽ جي صدر مير آصف علي لغاري، نائب صدر مير دريا خان مستوئي، جنرل سيڪريٽري رئيس واجد خان چانڊيو، يونين ڪائونسل اعتبار خان چانڊيو جي چيئرمين رئيس عبدالخالق خان چانڊيو ۽ سٽي جي جنرل سيڪريٽري سرائي قربان علي سومرو پنهنجي گڏيل بيان ۾ ڪراچي جي گل پلازا جي سانحي تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي سانحي ۾ قيمتي انساني جانين جي ضايع ٿيڻ تي سندن وارثن سان همدردي جو اظهار ڪيو هنن ان سانحي تي ڳالهائيندي چيو ته واقعو هر لحاظ سان افسوس ناڪ ۽ ڏکوئيندڙ آهي پر افسوس مخالف ڌر ان سانحي تي غلط بياني ڪري سياسي دڪان کي چمڪائي متاثر خاندان جي دل آزاري ڪرڻ ۾ رڌل آهي جڏهن ته سنڌ سرڪار واقعي جي انڪوائري ۽ متاثر دڪاندارن جي نقصان جي ازالي لاءِ معاوضي ڏيڻ جو پڻ اعلان ڪيو ويو آهي هنن چيو ته مخالف ڌر ان واقعي توڙي سانحي تي سياست ڪرڻ بدران مثبت ۽ تعميري موٽ ڏيئي ته جيئن عوام جي دل آزاري نه ٿئي جڏهن ته سانحي بابت سنڌ سرڪار توڙي پ پ پ جو ڪردار شروع وقت کان مثبت ۽ عوام دوست توڙي نقصان جي ازالي وارو آهي

شهدادڪوٽ: پ پ تعلقه شهدادڪوٽ پاران گل پلازا سانحي تي ڏک جو اظهار

ويلو ٿٽو ۽ ٻين منشيات فروشن اسان خلاف رڻ ٻاري ڏنو آهي:وينجهو

قبضا ڪرڻ،ڪوڙيون درخواستون ڪرڻ جهيڙا ۽ فساد ڪري رهيا آهن

قانوني ڪارروائي ڪري، اسان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي: دليپ

ملي (ڊ ر)تعلقي ڏيپلو جي ڳوٺ ڪونٽرليو جي ڳوٺاڻن هرفڪ وينجهو ولد راجي معذور ٻٽيل دليپ ولد پيسون راٺيوري ٻاوي مهراب ولد ڪينو راٺو ولد چيلو چندن ولد گانگو گهمرو ولد لکو ۽ ٻين پريس ڪلب ملي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ۽ احتجاج ڪندي چيو آهي ته اسان جا مخالف ويلو ولد نعو ٿيجو ولد اٺندي سانگيڏان ولد راٺو سگرام ولد راٺو چندن سنگهه ولد راٺو وانڪجي ولد سيڙو سوپراج ولد پوپو هيمراج ولد پوپو راسو ولد رو سرتو ولد نيتو راوتو ولد مگهو ۽ ٻيا منشيات فروش ٽولو اسان خلاف رڻ ٻاري ڏنو آهي ۽ اسان جي زمينن تي غير قانوني قبضا ڪرڻ، ڪوڙيون درخواستون ڪرڻ جهيڙا ۽ ڦڏا فساد ڪري رهيا آهن. هنن چيو ته اسان کي گهرن مان لڏائڻ جون ڌمڪيون ڏيئي رهيا آهن ۽ اسان سان ڪنهن به وقت جهيڙو ڪري سگهن ٿا اسان کي هنن مان جاني توڙي مالي نقصان جو خطرو آهي. اسان اعليٰ حڪام کي پرزور اپيل ٿا ڪريون ته اسان کي هنن منشيات فروش ٽولي کان تحفظ ڏنو وڃي ۽ هنن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري، اسان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي ته جيئن اسان سک جو ساهه کڻي سگهون

گڏيجي شهر جو مين رستو لاپرواهي سبب گندي پاڻي ۾ ٻڏل،مظاهرو

پي ٽي آءِ ضلعي خيرپور جي صدر جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

پاڻي نيڪال نه ڪيو ويو ته پبلڪ هيلٿ کاتي جي خلاف عدالت وينداسين:عرفان شاهاڻي

گڏيجي (ن ع)گڏيجي قديمي ۽ تاريخي شهر چونڊيل نمائندن ۽ ڪامورن جي لاپرواهي سبب شهر جو مين رستو گندي پاڻي ۾ ٻڏل هر طرف بدبوءِ پکڙيل ايندڙ ويندڙن کي سخت تڪليف کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي پي ٽي آءِ ضلعي خيرپور جي صدر عرفان شاهاڻي،سيد آصف رضا شاهه،ارشاد ملڪ ۽ سني سلامتي پاڪستان جي اڳواڻ غلام عباس خاصخيلي،شاهنواز شاهاڻي ارباب سهتو بابوسهتو صدام خاصخيلي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ گندو پاڻي بيهڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهرو ڪندڙن پبلڪ هيلٿ جي مئنيجمينٽ ڪريشن جي خلاف سخت نعريبازي ڪري رهيا هئا ان موقعي تي هنن چيو ته گندي پاڻي جو نالو اٿلڻ جي ڪري شهر جو اهم رستو گندي پاڻي سان ٻڏي ويو آهي جنهن سبب بدبوءِ پکڙجي وئي آهي ۽ مڇرن جو آزار پڻ وڌي ويو آهي هنن چيو ته شهر جو گندو پاڻي نيڪال نه ڪيو ويو ته پبلڪ هيلٿ

گڏيجي: مين رستي تي گندو پاڻي بيهڻ خلاف شهري احتجاج ڪري رهيا آهن

ملي ۾ فوتي ڪوٽا پينڊنگ ڪيس جي بحالي لاءِ احتجاجي مظاهرو

آل سنڌ فوتي ڪوٽا ايڪشن ڪاميٽي جي سڏ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

درخواست تي غور ڪري فوتي ڪوٽا جي نوڪري ڏئي انصاف ڪيو وڃي:اڳواڻ

ملي (ڊ ر)سنڌ جيان آل سنڌ فوتي ڪوٽا ايڪشن ڪاميٽي جي سڏ تي اڳواڻ وڪرم راٺوڙ،صدام راجڙ آڪاش راهي ۽ ذوالفقار علي راهمون،پرويز علي ٻين جي اڳواڻي ۾ فوتي ڪوٽا پينڊنگ ڪيس جي بحالي لاءِ احتجاجي مظاهرو جنهن ۾ خطاب ڪندي چيو ته 18 آڪٽوبر 2024 تي سپريم ڪورٽ فوتي ڪوٽا تي پابندي لڳائي ڇڏي هئي جنهن بعد سپريم ڪورٽ جي جسٽس سيد منصور علي شاهه 2025 ۾ سپريم ڪورٽ جي پابندي کان اڳ درخواست ڏيندڙ جي لاءِ واضح فيصلو ڏنو ۽ ان ڪانپوءِ سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري ۽ هائي ڪورٽ به فوتي ڪوٽا جي ماضي ۾ ڏنل درخواست گذار جي حق ۾ فيصلا ڏنا آهن جن فيصلن ڪانپوءِ اسان سخت احتجاج ڪيو چيف سيڪريٽري سنڌ سيد آصف حيدر شاهه صرف ڪورٽ سان ڪيس ڪنيندڙن جي حق ۾ فوتي ڪوٽا جي رول ۾ ترميم ڪئي آهي جيڪا اسان سان ناانصافي ۽ ماتيلي ماءُ وارو سلوڪ آهي اسان وزيراعليٰ سنڌ ۽ چيف سيڪريٽري سنڌ کان مطالبو ڪريو ٿا ته اسان جي روڪيل پراڻن درخواست تي غور ڪري اسان کي فوتي ڪوٽا جي نوڪري ڏئي انصاف ڪيو وڃي

سڪرنڊ جي ڳوٺ فرمان چانڊيو ۾ فياض چانڊيو جي ميزباني هيٺ مچ ڪچهري

اوطاق فرمان چانڊيو سدائين ٻن ڌرين کي ڪير ڪنڌ ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو،فياض چانڊيو

لطيف چانڊيو،اويس چانڊيو صوفياڻو ڪلام پيش ڪري ڪچهري کي چار چنڊ لڳايا

سڪرنڊ (ن ع)سنڌ ۽ ڪناري آباد تاريخي ڳوٺ فرمان خان چانڊيو ۾ فياض علي چانڊيو جي ميزباني ۾ هيٺ مچ ڪچهري ۽ جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ علائقي جي ماڻهن ڪانسواءِ واجد علي چانڊيو امجد علي چانڊيو علي بخش چانڊيو خالد حسين چانڊيو فهد رضا چانڊيو احمد خان چانڊيو ۽ عبدالڪريم چانڊيو سميت ٻين شخصيتون شامل هيون ان موقعي تي فياض علي چانڊيو ڳالهائيندي چيو ته اڄڪلهه جي بوسٽ واري ماحول ۽ مصروفيتن جي گهڙين مان ڪجهه گهڙيون ڪيڏي خوشيون ونڊڻ ڪنهن نعمت کان گهٽ ناهي ۽ فرمان خان چانڊيو جي هيءَ اوطاق سدائين ٻن ڌرين کي ڪير ڪنڌ ڪرڻ جي ۽ امن ڀائيچاري ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي مچ ڪچهري ۾ راڳي لطيف چانڊيو اويس چانڊيو ۽ ٻين فنڪارن پنهنجي ٽيم سميت شريڪ ٿي صوفياڻو ڪلام پيش ڪري ڪچهري کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا ڪچهري ۾ آيل مهمانن جي شاندار مهمان نوازي پڻ ڪئي وئي

سڪرنڊ: اوطاق فرمان چانڊيو سدائين ٻن ڌرين کي ڪير ڪنڌ ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو،فياض چانڊيو

سوڀوديرو لڳ ڳوٺ وڏا پيلار ۾ مفت ڪئمپ

سماجي ورڪر ميڊم شاهده پيلار جي ڪاوشن سان ڪيمپ لڳائي وئي

ٽي بي رت جون چڪاس جون ٽيسٽون، ايڪسري ۽ دوائون مفت ڏنيون ويون

سوڀوديرو(ن ع) سوڀوديرو لڳ ڳوٺ وڏا پيلار ۾ هيلٿ ڊپارٽمينٽ جي ٽي بي هاسپيٽل خيرپور پاران هيلٿ موبائيل سروس جي مفت ڪئمپ لڳائي وئي ڳوٺ وڏا پيلار ۾ هيلٿ ڊپارٽمينٽ ٽي بي هاسپيٽل خيرپور پاران هڪ ڏينهن جي مفت ڪئمپ لڳائي وئي جنهن ۾ عورتن جي حقن جي سماجي ورڪر ميڊم شاهده پيلار جي ڪاوشن ۽ ڪوششن سان ڳوٺ وڏا پيلار ۾ هڪ ڏينهن واري ٽي بي جي بيمارين جي ماياناز ڊاڪٽر منتظر علي مفت ڪئمپ لڳائي وئي جنهن ۾ مريضن ... پيلار،استاد وڏت علي پيلار وڏيرو بقا علي پيلار،وڏيرو وفا علي پيلار ۽ ڳوٺ جي ٻين معززين پاران هيلٿ ڊپارٽمينٽ جي آيل ٽيم سان تعاون ڪيو جنهن عمل تي عورتن جي حقن جي سماجي اڳواڻ ۽ سوشل ورڪر صحافي ميڊم شاهده پيلار پاران ڳوٺ جي معززين جو تمام گهڻو شڪريو ادا ڪيو ۽ پنهنجي بيان ۾ ميڊم شاهده پيلار چيو ته ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ هيلٿ ڊپارٽمينٽ جي تعاون سان ٻين ڳوٺن ۽ پاڙن ۾ به مفت طبي صحولتن جون ڪئمپون لڳايون وينديون جنهن ۾ ٻين

سنڌ ايريگيشن وفد پاران دادو پريس ڪلب جي نون عهديدارن کي مبارڪون ڏنيون

دادو(ڊ ر) آل سنڌ ايريگيشن ضلع دادو پاران دادو پريس ڪلب جي نون عهديدارن ڪٽي اچڻ تي دادو پريس ڪلب پهچي سنڌي اجرڪ ۽ ٽوپيون ۽ مٺايون ڪارائي مبارڪون ڏنيون ان موقعي آل سنڌ ايريگيشن صدر ضلع دادو نبي بخش جمالي،جنرل سيڪريٽري علي بخش رڪشيي سرپرست اعلي امتياز ملڪاڻي نصرالله ڪهلوڙو غلام نبي پنهور نظير جمالي،نبي بخش جمالي، اسلم ٿهيم فريد پنهور،غلام قادر لغاري ۽ ٻين دادو پريس ڪلب جي صدر نظام شيخ نائب صدر سرور جلال سولنگي جنرل سيڪريٽري گلن پنڊ، جوائنٽ سيڪريٽري رضوان منگي، خزانچي رياض قادر ناريجو آڊيٽر سخي سردار چارڻ، ولي محمد لنڊ، راجا ڪوريجو فتاح شيخ، الله بخش خشڪ، علي گل چنه جاويد لغاري، نياز چانڊيو پير بخش شاهاڻي، رفيق چنه نذير شاهاڻي قربان ڪوسو ۽ ٻين صحافين کي سنڌي اجرڪ ۽ ٽوپيو پارائي سندس کي ڪٽي اچڻ تي مٺائي ڪارائي وات مٺو ڪرايو

جماعت اصلاح المسلمين برانچ ملو خان سولنگي جي سالياني چونڊ ٿي گذري

ڪنڊيارو (ن ع)جماعت اصلاح المسلمين برانچ ملو خان سولنگي جي سالياني چونڊ ٿي گذري خليفو محمد حنيف طاهري عابد حسين ڪونڌر غلام نبي گهانگهرو علي خان ڪوسو جي نگراني ۾ ٿي جنهن۾ صدر ڊاڪٽر محمد عمر نائب صدر سهراب خان سولنگي جنرل سيڪريٽري نعار احمد سولنگي جوائنٽ سيڪريٽري شڪيل احمد سولنگي فنانس سيڪريٽري رجب علي سولنگي پريس سيڪريٽري طارق حسين سولنگي اطلاعات سيڪريٽري حب علي سولنگي لائبريري انچارج پيارو خان سولنگي آفيس سيڪريٽري سراج علي سولنگي معاون جنرل سيڪريٽري زبير احمد سولنگي معاون فنانس سيڪريٽري محمد آچر

نادر جمالي جو واقعو انتهائي ڏکوئيندڙ آهي،قانون جا رکوالا پاڻ ئي الزام هيٺ آهن،پير مظهرالحق

دادو(ڊ ر)پيپلز پارٽي سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي ميمبر ۽ سنڌ جي اڳوڻي سينيئر صوبائي وزير تعليم ۽ ڪرمنل پراسيڪيوشن سروس پير مظهرالحق پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ دادو پوليس پاران دادو شهر جي هڪ نوجوان نادر خان جمالي کي بيدردي سان قتل ڪرڻ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو ته هي واقعو دادو جي تاريخ جو سڀ کان وڌيڪ اندوهناڪ واقعو آهي جنهن ۾ قانون جا رکوالا پاڻ ئي الزام هيٺ آهن هن چيو ته نادر جمالي جو واقعو انتهائي ڏکوئيندڙ آهي ۽ جيڪي شاهدين سامهون آيون آهن انهن موجب ايس ايس پي ۽ ٻين پوليس آفيسرن جي ملوث هجڻ جا واضح اشارا ملن ٿا، جڏهن ته وارثن جي انهي موقف ۾ پڻ وڏو وزن آهي ته جيستائين واقعي ۾ ملوث ماڻهو سرڪاري عهدن تي ويٺل رهندا، تيستائين ڪو به ماڻهون انهن جي خلاف شاهدي ڏيڻ جي جرئت نه ڪندو. پير مظهرالحق وزيراعليٰ سنڌ ۽ گهرو وزير سنڌ کان مطالبو ڪيو ته ڪوبه ماڻهون قانون کان مٿانهون ڪونه هوندو آهي پو چاهي اهو ايس ايس پي هجي يا ڪو عام شهري، هن چيو ته دادو ضلعي ۾ قتل و غارت گري، ڦرون ڌاڙا، منشيات فروشي جوا جا اڏا ۽ ٻيا سماجي ڏوهه روز مرهه جو معمول بڻجي ويا آهن جنهن جو ذميوار ضلعي جو ايس ايس پي هوندو آهي اهو چوڻ ته نادر جمالي تي ڪيس هئا ته هن جا ايس ايس پي دادو امير سعود مگسي سان ان جي ٿي آفيس ۾ نڪتل تصويرون ڇا ٿيون ثابت ڪن ٿا پوليس کي قانون هيٺ اهڙن ڏوهن ۾ ملوث هئڻ جي خلاف ڪارروائي جو اختيار

زرعي تحقيقاتي اداري جي رهائشي ڪوارٽرن تي قبضي خلاف ملازمن جو ڊائريڪٽر آفيس آڏو احتجاج

رهائشي ڪوارٽرن تي ٻاهرين ماڻهن جي قبضي خلاف ملازم تنظيم سارنگيا جي سڏ تي احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي

زرعي تحقيقاتي اداري جي رهائشي ڪوارٽرز تي ٻاهرين ماڻهن قبضو ڪري ورتو آهي. جڏهن ته اداري جا نئيا ملازم گهرن لاءِ دربدر آهن:شريف ڪانبو

ملازمن کي ڪوارٽر الاٽ ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ پنج فيبروري کان اڻٽاٽل مدي تائين احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري احتجاج ڪيو ويندو

ٽنڊوڄام(ت ر)زرعي تحقيقاتي اداري جي رهائشي ڪوارٽرن تي ٻاهرين ماڻهن جي قبضي خلاف ملازمن جو ڊائريڪٽر آفيس آڏو احتجاج زرعي تحقيقاتي اداري ٽنڊوڄام جي رهائشي ڪوارٽرن تي ٻاهرين ماڻهن جي قبضي خلاف ملازم تنظيم سارنگيا جي سڏ تي تنظيم جي جنرل سيڪريٽري شريف ڪانبو ممتاز بلوچ ديدار سولنگي جي اڳواڻي ۾ ڊائريڪٽر آفيس آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي انهي موقعي تي اڳواڻن صحافين کي ٻڌايو ته زرعي تحقيقاتي اداري جي رهائشي ڪوارٽرز تي ٻاهرين ماڻهن قبضو ڪري ورتو آهي جڏهن ته اداري جا نئيا ملازم گهرن لاءِ دربدر آهن هنن چيو ته رهائشي ڪالون ۾ خالي پيل چار ڪوارٽرن تي ٻاهرين ماڻهن قبضو ڪري هٿياربند ويهاري ڇڏيا آهن هنن چيو ته سرڪاري ڪوارٽرن تي قبضي باوجود انتظاميه جون اکيون بوڪڻ سمجهه کان ٻاهر آهي هنن الزام مڙهيندي چيو ته ٻاهريان ماڻهو ڪوارٽرن تي قبضا نشي آور شين جو ڪاروبار ڪري رهيا آهن جنهن سبب ڪالوني جو پر امن ماحول خراب ٿي رهيو آهي هنن گهر ڪئي ته ڊائريڪٽر جنرل ۽ ٻين کان گهر ڪئي ته رهائشي ڪوارٽرن تان فوري طور قبضا ختم ڪرائي ملازمن کي ڪوارٽر الاٽ ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ پنج فيبروري کان اڻٽاٽل مدي تائين احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري سخت احتجاج ڪيو ويندو

ٽنڊوڄام: زرعي تحقيقاتي اداري جي رهائشي ڪوارٽرن تي قبضي خلاف ملازمن جو ڊائريڪٽر آفيس آڏو احتجاج

غلام نبي شاهه شهر ۾ ڪٽڪ جو اٽو مهانگو ٿيڻ خلاف باب شاهه مردان شاهه تائين احتجاجي ريلي

ايس يو پي جي سڏ تي ڪٽڙ ولي چوڪ کان باب شاهه مردان شاهه تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو

سرڪاري ڪٽڪ چڪي مالڪن کي 32 سئو رپيا في مڻ ملي ٿي ان جي باوجود اٽو سستو نٿو ٿئي: حاجي آچر مري

فوڊ انسپيڪٽرن جي ڪميشن سبب چڪي مالڪ غريب عوام کي ڦري رهيا آهن وس وارا نوٽيس وٺي اٽو سستو ڪرائي ڏين

پڳورو: ايس يو پي جي سڏ تي ڪٽڙ ولي چوڪ کان باب شاهه مردان شاهه تائين احتجاجي مظاهرو

پڳورو (ن ع)پڳورو پرسان غلام نبي شاهه شهر ۾خوراڪ کاتي جي انتظامي نااهلي سبب ڪٽڪ جو اٽو مهانگو ملڻ خلاف ايس يو پي جي سڏ تي ڪٽڙ ولي چوڪ کان باب شاهه مردان شاهه تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو ايس يو پي اڳواڻ حاجي آچر مري، قادر ڪنڀر فيض سنڌي، دولت ڪولهي ۽ ٻين ڪٽڪ جي اٽي جا اگهه وڌڻ خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، مظاهرين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ضلعي عمرڪوٽ ۾ خوراڪ کاتي جي ملي ڀڳت سبب ڪٽڪ جو اٽو مهانگو وڪرو ڪيو پيو وڃي، سرڪاري ڪٽڪ چڪي مالڪن کي 32 سئو رپيا في مڻ ملي ٿي ان جي باوجود اٽو سستو نٿو ٿئي، فوڊ انسپيڪٽرن جي ڪميشن سبب چڪي مالڪ غريب عوام کي ڦري رهيا آهن وس وارا نوٽيس وٺي اٽو سستو ڪرائي ڏين

اداڪارا نجمه ڪاوش آمريڪا مان سنڌ واپس پهچي وئي

نجمه ڪاوش ڌي جي گريجوئيشن ڊگري تقريب ۾شرڪت ڪئي

پنهنجو ملڪ سڃاڻپ آهي،واپس پهچندي ئي سڀ ٿڪ لهي ويندا:نجمه ڪاوش

سنڌ حڪومت کي گهرجي ته آرٽسٽن کي پنهنجو گهر فراهم ڪري.

اداڪارا نجمه ڪاوش آمريڪا مان سنڌ واپس پهچي وئي

ورجينيا (ڳالهه ٻولهه:ضياء قريشي)سنڌ جي ناليواري اداڪارا نجمه ڪاوش آمريڪا ۾ ڌي جي گريجوئيشن ڊگري تقريب ۾شرڪت ڪانپوءِ سنڌ واپس پهچي وئي، وطن وطن وڃڻ کان اڳ ڳالهائيندي نجمه ڪاوش چيو ته آمريڪا ۾ زندگي جون سهولتون آهن پر پنهنجو وطن پهچڻ سان سڪون ملي ٿو نجمه ڪاوش جو چوڻ هو ته آمريڪا ۾ ٻار پڙهن ٿا، انڪري اچڻ ٿيندو آهي، آمريڪا ۾ ٻيو پيرو نيو ايئر ملهايو آهي، پهريون نئين سال جو جشن شڪاگو ۾ ملهايو هو جيڪو يادگار آهي، هن چيو ته اها حقيقت آهي ته ملڪ واپس اچڻ بعد به بجلي گئس انفرا اسٽرڪچر سميت لائف اسٽائل جا مسئلا درپيش ايندا آهن آمريڪا ۾ اهي مسئلا ناهن پر تنهن هوندي به پنهنجو ملڪ پنهنجي سڃاڻپ آهي واپس پهچندي ئي سڀ ٿڪ لهي ويندا، اداڪارا نجمه ڪاوش سنڌ حڪومت کي معيار ڏيندي چيو ته سڄي زندگي شوبز کي ارپي ڇڏي پر اڄا تائين پنهنجو گهر به نه آهي، جيڪو ڪجهه ڪمايو ٻارن جي تعليم تي خرچ ڪيم اڄ به ڪرائي جي گهر ۾ رهان ٿي، سنڌ حڪومت کي گهرجي ته آرٽسٽن کي گهٽ ۾ گهٽ پنهنجو گهر فراهم ڪري جيئن زندگي سڪون سان گذاري سگهن

مٽياري موبائل مارڪيٽ ۾ڏينهن ڏٺي دڪان تي فائرنگ،نوجوان زخمي

چار نامعلوم موٽر سائيڪل سوارن اوچتو فائرنگ ڪئي،سلمان ملاح زخمي ٿي پيو

گولين لڳڻ سبب زخمي نوجوان کي مرٽينگ حالت ۾سول اسپتال منتقل

جوابدار واقعي واري هنڌ تان فرار ٿي ويا،علائقي ۾ خوف ۽ هراس ڦهلجي ويو

مٽياري(ڊ ر)مٽياري شهر جي موبائل مارڪيٽ ۾ڏينهن ڏٺي موبائيل جي دڪان تي ويٺل نوجوان تي نامعلوم هٿياربندن فائرنگ ڪري ڏني چار نامعلوم موٽر سائيڪل سوارن اوچتو فائرنگ ڪئي،جنهن سبب دڪان تي ويٺل نوجوان سخت زخمي ٿي پيو فائرنگ کان پوءِ جوابدار واقعي واري هنڌ تان فرار ٿي ويا،علائقي ۾ خوف ۽ هراس ڦهلجي ويو،گولين لڳڻ سبب زخمي نوجوان کي مرٽينگ حالت ۾سول اسپتال منتقل ڪيو ويو،جتي ڊاڪٽرن موجب زخمي نوجوان جي حالت ڳڻتيءَ جوڳي ٻڌائي پئي وڃي زخمي نوجوان جي سڃاڻپ سلمان ملاح طور ٿي آهي جيڪو ميمڻ وسين جو رهواسي ٻڌايو پئي ويو واقعي بعد زخمي نوجوان جي وارثن احتجاج ڪندي قومي شاهراهه بلاڪ ڪري ڇڏيو واقعي جي اطلاع ملڻ شرط پوليس واقعي واري هنڌ پهتي جتي دڪان مالڪن توڙي شهرين کان واقعي جا تفصيل معلوم ڪيا هوڏانهن ذريعن موجب ڌرين ۾ روڊ حادثي سبب تڪرار هلندڙ هو جنهن جو فيصلو پڻ علائقي جي معزز شخصيتن ڪيو هو ڪجهه مهينا اڳ ميمڻ برادري جو نوجوان فهيم ميمڻ سپينا روڊ حادثي ۾ فوت ٿيو هو فوتي جي وارثن اهڙو الزام نوجوان سلمان ملاح مٿان هنيو هو ته سلمان ملاح روڊ حادثي ۾ نوجوان کي زخمي ڪيو هو ٻئي طرف ايس ايڇ او مٽياري شاهزمان چانڊيو رابطي تي ٻڌايو ته واقعو مٽياري مين بس اسٽاپ تي پيش آيو آهي جنهن ۾ نوجوان سلمان گولين لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو آهي جنهن کي حيدرآباد اسپتال ڏانهن منتقل ڪيو ويو آهي هن چيو ته مٽياري پوليس بروقت ڪارروائي ڪري هڪ جوابدار بابو بگهڙ کي گرفتار ڪري ورتو آهي جڏهن ته ٻين جوابدارن جي ڳولا شروع ڪئي وئي آهي هوڏانهن نوجوان جي وارثن جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪندي قومي شاهراهه تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو جنهن سبب قومي شاهراهه جي ٻنهي پاسن کان گاڏين جون قطارون لڳي ويون ڊي ايس پي مٽياري موقعي تي پهچي وارثن جي جوابدارن جي گرفتاري جو يقين ڏياري روڊ کولرايو

الخدمت فائونڊيشن سڪرنڊ پاران ديوار مهربان جي نالي سان اسٽال قائم

گرم ڪپڙا صرف 20 ۽ 30 روپين ۾ حاصل ڪرڻ لاءِ اسٽال لڳايو ويو

حڪمرانن جي غلط پاليسين سبب غريب ماڻهو غريب تر ٿيندو وڃي: طارق جاويد

سڪرنڊ (ن ع)الخدمت فائونڊيشن سڪرنڊ پاران مهنگائي کي نظر ۾رکندي غريب ۽ ٻي پهچ ماڻهن لاءِ سياري جا گرم ڪپڙا صرف 20 ۽ 30 روپين ۾ حاصل ڪرڻ لاءِ ديوار مهربان جي نالي سان اسٽال لڳايو ويو جنهن جو افتتاح جماعت جي ضلعي امير طارق جاويد ڪيو ساٿس گڏ ضلعي نائب صدر توصيف رحماني، امير شهر راٺو ڏيٻر ۽ ضلعي نائب امير سرور احمد قريشي جن هئا جڏهن ته سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي پڻ مهمان طور شرڪت ڪئي جنهن بعد هنن مختلف اسٽالن تي وڃي ۽ ديوارن تي ٽنگيل گرم ڪپڙن جو معائنو ڪيو ان موقعي تي هنن الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته الخدمت ڪئي سالن کان هن روايت کي قائم رکندي اچي چاڪاڻ جو اسين جنهن دور ۾ رهون ٿا ان دور جي حڪمرانن جي غلط پاليسين سبب غريب ماڻهو غريب تر ٿيندو وڃي جيڪو ماني ڳڀي لاءِ پريشان آهي ان ڪري الخدمت پنهنجي وس آهر مستحق ماڻهن جي مختلف طريقن سان خدمت ڪندي آهي جنهن ۾ گرم ڪپڙن جا اسٽال به شامل آهن ان کان اڳ افتتاحي تقريب جي ميزبان توصيف رحماني ٻڌايو ته هن سياري ۾ ٽي پيرا گرم ڪپڙن جا اسٽال لڳائي چڪا آهيون ان موقعي تي امجد خانزاده، عاشق حسين پٺاڻ، انوار احمد ۽ عبدالعليم راجپوت پڻ موجود هئا

خيرپور جي گورنمنٽ ناز پائلٽ هاءِ اسڪول ۾ سائنسي نمائش

ڊپٽي ڪمشنر الطاف احمد چاچڙ اسٽيم سائنسي نمائش جو افتتاح ڪيو

الطاف احمد چاچڙ اسڪول جي ڪلاس رومز ۾ پرجيڪٽس جو تفصيل سان معائنو ڪيو

خيرپور(ڊ ر) گورنمنٽ ناز پائلٽ هاءِ اسڪول خيرپور طرفان سائنس ٽيڪنالوجي ايجوڪيشن آرٽ ميٿ جي سري هيٺ اسٽيم سائنسي نمائش جو افتتاح ڊپٽي ڪمشنر الطاف احمد چاچڙ ڪيو. سائنسي نمائش ۾ ضلعي خيرپور جي 15 سرڪاري گرلز ۽ ٻوائز اسڪولن جي شاگردن توڙي شاگرديائين پنهنجي صلاحيتين سان مختلف پروجيڪٽس ناهي پيا ڪيا. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر الطاف احمد چاچڙ اسڪول جي ڪلاس رومز ۾ پرجيڪٽس جو تفصيل سان معائنو ڪيو ۽ شاگردن طرفان ناهيل صلاحيتن ... ۾ تقريب منعقد ڪئي تقريب ۾ مختلف اسڪولن جي شاگردن تعليمي حوالي ساز ٽيبلوز پيش ڪيا. ان موقعي تي ضلعي جي مختلف اسڪولن طرفان نمايان ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪرڻ تي شاگرديائيون ۽ استادن ۾ تعريفي سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا. ڊپٽي ڪمشنر الطاف احمد چاچڙ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هن نمائش سان شاگردن جي تخليقي صلاحيتن کي وڌيڪ بهتر ڪرڻ جو موقعو مليو آهي اهڙا پروگرام هر تعلقي ۾ هاءِ اسڪول سطح ٿيڻ گهرجن ته جيئن شاگردن جي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانہ عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk
اربع 21 جنوري 2026ع

قانونسازي سان سماجي تحفظ ۽ تعليمي بهتري وارا قدم

سينيٽ تازو ڪجهه اهم قانونسازي کي منظور ڪندي ملڪ جي سماجي ۽ تعليمي نظام کي مضبوط ڪرڻ لاءِ قدم کنيا آهن. انهن بلن ۾ جادو ٽوڻن جي سرگرمين کي روڪڻ، تعليمي نصاب کي بهتر ڪرڻ، انساني اسمگلنگ جي خاتمي ۽ ميڊيڪل ۽ سول سروسز جي شعبن ۾ ترميم شامل آهي، جيڪي ملڪ ۾ قانون ۽ سماجي بهبود کي وڌائڻ لاءِ اهم قدم آهن. سينيٽ جي اجلاس ۾ سڀ کان اهم قانوني پيش رفت تعزيراتِ پاڪستان ۾ نئين شق '297 الف' جي شموليت آهي جيڪا خاص طور تي جادو ٽوڻن جي سرگرمين کي روڪڻ لاءِ آهي. موجوده دور ۾، جادو ٽوڻن جهڙيون سرگرميون نه صرف مالي نقصان پهچائين ٿيون پر ماڻهن جي نفسياتي ۽ سماجي زندگيءَ تي به اثرانداز ٿين ٿيون. نئين قانون مطابق جيڪو به شخص جادو ٽوڻا ڪندو يا ان جي تشهير ڪندو، کيس "6 مهينن کان 7 سالن تائين قيد ۽ 10 لک رپين تائين ڏنڊ" لڳي سگهي ٿو. هي قانون سماجي تحفظ کي يقيني بڻائڻ لاءِ اهم آهي، جادو ٽوڻن تي يقين رکڻ وارا ماڻهو اڪثر ٺڳيبازي، جسماني نقصان ۽ نفسياتي ڏک جو شڪار ٿين ٿا. اهڙي قانونسازي سان سماج کي واضح پيغام ملي ٿو ته اهڙيون سرگرميون برداشت نه ڪيون وينديون ۽ قانوني ڪارروائي انهن ماڻهن لاءِ موجود هوندي، جيڪي ٻين کي نقصان پهچائين ٿا. ان کان علاوه سينيٽ ۾ "وفاقي نصاب ۽ نصابي ڪتابن جي بهتريءَ" لاءِ به هڪ بل منظور ڪيو ويو. هي بل سينيٽر عيني مري پاران پيش ڪيو ويو، جنهن جو مقصد تعليمي نصاب کي جديد دور جي ضرورتن مطابق بهتر بڻائڻ ۽ شاگردن ۾ علمي ۽ اخلاقي شعور وڌائڻ آهي. نصاب جي بهتريءَ سان نه صرف تعليمي معيار بلند ٿيندو پر نوجوان نسل جي فڪري، علمي ۽ سماجي تربيت پڻ مضبوط ٿيندي.

سينيٽ ۾ انساني اسمگلنگ جي روڪٿام وارو ترميمي بل پڻ متفق طور تي منظور ڪيو ويو. جيڪو ملڪ ۾ انساني حقن جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ ۾ مدد ڪندو. انساني اسمگلنگ خلاف قانون مضبوط ٿيڻ سان قانون نافذ ڪندڙ ادارن کي وڌيڪ اثرائتي ڪارروائي جو موقعو ملندو ۽ متاثر ٿيل ماڻهن کي تحفظ حاصل ٿيندو. ان کان علاوه، پاڪستان ميڊيڪل ۽ ڊينٽل ڪائونسل ۾ ترميم، سول سروسز بل 2024 ۽ ٻين قانوني ترميمن سميت "ڪُل 9 بل متفق طور تي منظور" ڪيا ويا. ان سان ظاهر ٿئي ٿو ته سينيٽ جون ڪوششون نه صرف قانوني نظام کي مضبوط ڪرڻ لاءِ آهن پر سماجي فلاح، تعليمي معيار ۽ انساني تحفظ کي يقيني بڻائڻ لاءِ به آهن. اجلاس ۾ ست نوان بل وڌيڪ غور لاءِ لاڳاپيل قائمه ڪميٽين کي موڪليا ويا. انهن بلن ۾ ڪجهه پرائيويٽ ميمبر ڊي تي پيش ڪيل بل شامل آهن. ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته قانونسازي جو عمل مسلسل جاري آهي ۽ حڪومت ۽ اپوزيشن گڏجي قانونن کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن.

هي قانونسازي سماجي، تعليمي ۽ قانوني شعور کي وڌائڻ لاءِ اهم قدم آهي. جادو ٽوڻن کي قانوني حدن ۾ آڻڻ سان معاشرتي انصاف کي تحفظ ملندو، نصاب جي بهتريءَ سان نوجوان نسل کي علمي ۽ اخلاقي تربيت ملي سگهندي ۽ انساني اسمگلنگ خلاف ڪارروائيءَ سان ملڪ ۾ انساني حقن جي حفاظت مضبوط ٿيندي. سينيٽ جي هنن قدمن مان اهو واضح ٿئي ٿو ته پاڪستان جا قانون ساز ادارا سماج جي بهبود، تعليمي ترقي ۽ قانون جي عملداريءَ کي يقيني بڻائڻ لاءِ سنجيده آهن عوام کي به گهرجي ته اهي اهڙن قانونن جي حمايت ڪن ۽ سماج ۾ منفي سرگرمين کان بچاءَ لاءِ شعور وڌائن. اسان جي خيال ۾ هن ترميم سان گڏوگڏ حڪومت کي اِها مهم پڻ هلائڻ گهرجي ته اسان جي لوڪل توڙي قومي چئنلن تي جيڪي ڊراما هلايا وڃن ٿا، انهن ۾ اخلاقي پهلوءَ کي نمايان ڪيو وڃي، خاص ڪري اهڙن ڊرامن يا بحث مباحثي کان پاسو ڪيو وڃي، جيڪي اهڙن منفي خيالن کي هٿي وٺرائين ٿا. ڇو ته ماضيءَ ۾ ڪيترن ئي چئنلن تي جادو ٽوڻن توڙي جن ڀوت ڪيڏڻ وارا پروگرام لاڳيتو هلايا ويندا هُئا، جنهن سان ڍونگي ماڻهن جي ڪاروبار کي تقويت ملي ۽ ماڻهو خاص ڪري عورتون ڪيترن ئي ذهني مرضن جو شڪار بڻيون. اُن لاءِ ضروري آهي ته قانونسازيءَ سان گڏوگڏ اُن جي عمل کي به يقيني بڻايو وڃي ته جيئن معاشري کي منفي اثرن کان محفوظ رکي سگهجي.

گُل پلازا شاپنگ مال ۾ باهہ: هڪ دل ڏوڏيندڙ حادثي جو سبق!

سرمد منصور

ڪراچيءَ جو مشهور ايم اي جناح روڊ گذريل هفتي هڪ اهڙي دل ڏوڏيندڙ حادثي جو شاهد بڻيو جنهن نه صرف وڏي تعداد ۾ انساني جانين جو وڏو نقصان ڪيو پر شهر جي واپاري ۽ سماجي شعبي لاءِ پڻ هڪ اڻ وڻندڙ چيلينج قائم ڪري ڇڏيو. گل پلازا شاپنگ مال ۾ ڇنڇر جي رات لڳندڙ باهہ، جنهن عمارت جي تقريباً 40 سيڪڙو حصي کي ختم ڪري ڇڏيو، هڪ يادگار ۽ صدمو وارو واقعو هو، جيڪو شهر جي حفاظتي انتظامن تي سنجيده سوال اٿاري ٿو.

حادثو رات سوا 10 وڳي شروع ٿيو ۽ فوري طور تي باهہ جي شدت ايتري وڌي وئي جو ابتدائي طور تي ريسڪيو آپريشن ڪندڙ عملو اندر داخل نہ ٿي سگهيو. فائر برگيڊ، ريسڪيو 1122، پاڪ رينجرز ۽ ميونسپل ادارن جي ڪوشش باوجود باهہ کي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ وقت لڳو، جنهن جي ڪري 27 کان وڌيڪ جانيون ضايع ٿي ويون، جن ۾ هڪ فائر فائيٽر به شامل هو. جڏهن ته 22 کان وڌيڪ ماڻهو زخمي ٿيا، جن کي فوري طبي امداد ڏني وئي، جڏهن ته 75 گُم ٿيل ماڻهن جي تصديق ٿي آهي، جن مان ڪيترن جا لاش ٽُڪرن ۾ ملڻ سبب صحيح سڃاڻپ لاءِ ڊي اين اي ٽيسٽ جي ضرورت پئي.

ريسڪيو آپريشن ۾ ڏکيائيون انتهائي سنجيده ۽ خطرناڪ هيون. 40 ڪلاڪ کان پوءِ ريسڪيو ورڪر عمارت ۾ داخل ٿي، ٽارچ، اسنارڪل ۽ هيوي مشينريءَ جي مدد سان گم ٿيل ماڻهن جي تلاش شروع ڪئي. عمارت جا ٿنڀ ۽ ڍانچي جي ڪمزوريءَ سبب هر قدم انتهائي احتياط سان کنيو ويو. ڪجهه حصن ۾ لاش مليا، جڏهن ته ڍير هٽائڻ لاءِ ڪرين ۽ ايڪسيويٽر استعمال ڪيو ويو پر انتظاميا فوري طور تي مشين کي ڪنٽرول ڪندي محفوظ طريقو اختيار ڪيو. عمارت ۾ موجود ماڻهن جا داستان دلين کي ڏوڏي ڇڏين ٿا. نوجوان خالد، جيڪو شديد دونهين ۽ گرميءَ جي وچ ۾ پنهنجن پائرن ۽ سوٽن سان گڏ قائل هو انتهائي ڏکيائيءَ سان ٻاهر نڪتو پر بي هوش ٿي پيو ۽ اسپتال ۾ کيس هوش آيو. هن جهڙن تجربن ۾ انساني حوصلو ۽ زندگيءَ جي قيمت کي واضح طور سامهون آندو ويو.

ميئر ڪراچي، مرتضيٰ وهاب، ڊپٽي ڪمشنر ۽ ڪمشنر ڪراچي پاڻ واقعي واري هنڌ تي آيا ۽ ريسڪيو آپريشن جي نگراني ڪئي. سندن هدايتن تحت، بلديہ عظميٰ ڪراچيءَ جي هيوي مشينري، ڪرين ۽ فائر برگيڊ جي گاڏين ذريعي ريسڪيو آپريشن کي منظم انداز ۾ جاري رکيو ويو. سنڌ رينجرز به امدادي ڪاررواين ۾ حصو ورتو، جڏهن ته واٽر بورڊ ۽ سول ادارن پاران فائر برگيڊ لاءِ پاڻيءَ جي فراهمي کي يقيني بڻايو ويو.

انساني نقصان جي اهميت ۽ پيچيدگيءَ سبب، سي پي ايل سي هيلپ ڊيسڪ قائم ڪيو ويو، جتي لاپتا ماڻهن جا وارث پنهنجن جي معلومات کي رجسٽر ڪرائي رهيا آهن. پوسٽ مارٽم مڪمل ٿي چڪو آهي ۽ اڃا به ڊي اين اي ٽيسٽ ذريعي لاشن جي سڃاڻپ ٿيڻ جو عمل جاري آهي. ان عمل ۾ گذريل تجربا، جهڙوڪ پي آءِ اي ۽ نوري آباد حادثن ۾ لاش جي سڃاڻپ وارا طريقا مددگار ثابت ٿي رهيا آهن.

حادثي جا انتظامي ۽ حفاظتي پهلو پڻ اهم آهن. فائر برگيڊ جي مطابق عمارت جي ٿنڀن ۽ ڍانچي جي ڪمزوريءَ سبب مٽي هٽائڻ ۾ 15 کان 17 ڏينهن لڳي سگهن ٿا. عمارت جي حصن ۾ موجود لاش ۽ ملبو هٽائڻ لاءِ ريسڪيو اهلڪار کي انتهائي احتياط سان ڪم ڪرڻو پيو، ڇو ته ڪنهن به وقت عمارت جي باقي حصي جو ڪِرڻ پوڻ خطري کي وڌائي سگهي ٿو. حڪومتي ۽ سياسي ردعمل پڻ تيز ٿي چڪو آهي. وزيراعظم ۽ وفاقي سطح تي مدد جي پيشڪش ڪئي وئي، جڏهن ته سنڌ حڪومت ۽ ميئر ڪراچي متاثرن کي هر ممڪن امداد فراهم ڪرڻ لاءِ الرٽ رهڻ جون هدايتون جاري ڪيون. بلاول ڀٽو زرداري، اسپيڪر سنڌ اسيمبلي، اپوزيشن ليڊر علي خورشيدي ۽ وفاقي وزير صحت مصطفيٰ ڪمال پڻ فوت ٿيندڙ ۽ زخمي ٿيل ماڻهن جي وارثن سان تعزيت ڪئي ۽ ريسڪيو آپريشن کي مڪمل ڪرڻ تي زور ڏنو. واپاري نقصان پڻ وڏو آهي. گل پلازا ۾ تقريباً 1200 دڪان هئا، جن ۾ شاپنگ، مارڪيٽنگ ۽ ٻين واپاري سرگرمين لاءِ هزارين ماڻهو روزانو آيا ويا ٿي. عمارت جي موجوده صورتحال سبب واپارين کي مالي نقصان جي واپسي ۽ ازالي جي ڪارروائي ضروري بڻجي وئي آهي. وزيراعليٰ سنڌ مراد علي شاهہ ۽ گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري به متاثرن جي نقصان جي تڪڙي ازالي ۽ بحاليءَ لاءِ دورا ڪري هدايتون جاري ڪيون.

حادثي جي سببن جي ابتدائي تحقيق مطابق، شارٽ سرڪٽ سبب باهہ جو امڪان آهي، پر عمارت جي قديم ۽ ڪمزور ڍانچي سبب باهہ تمام تيزيءَ سان پکڙجي وئي. ان کان علاوه، داخل ٿيندڙ ريسڪيو اهلڪارن کي شديد گرمي، دونهون ۽ ڪمزور ملبي سبب ڏکيائي پيش آئي، جنهن سان آپريشن پيچيده بڻجي ويو. ان ڪري مستقبل ۾ شهر جي عمارتن ۾ حفاظتي ضابطا ۽ فائر فائيٽنگ نظام کي بهتر بڻائڻ جي ضرورت آهي.

گل پلازا حادثو اسان لاءِ هڪ تنبيهہ آهي ته شهر ۾ موجود عمارتن جي سيفٽي، ايمرجنسي رسپانس، ريسڪيو آپريشن جا وسيلا ۽ شهرين جي حفاظتي اپائن تي ڌيان ڏيڻ وقت جو اهم تقاضا آهي. انساني زندگيءَ جي حفاظت ۽ واپاري سهولتن جو تحفظ هڪ ئي وقت ممڪن آهي، جيڪڏهن انتظاميا، ريسڪيو اهلڪار ۽ شهري گڏجي ذميواريءَ سان ڪم ڪن. ان کان علاوه هيءَ واقعو انساني همدردي، قرباني ۽ حوصلي جو عظيم مثال پيش ڪري ٿو. ريسڪيو اهلڪار، فائر فائٽرز ۽ رضاڪار پنهنجي جان کي خطري ۾ وجهي ماڻهن کي بچائڻ لاءِ ڪم ڪن ٿا، جڏهن ته متاثر خاندانن جو صبر ۽ حوصلو به قابلِ تعريف آهي. نوجوان خالد ۽ ٻين جو سروائيور تجربو اسان کي ٻڌائي ٿو ته زندگيءَ لاءِ جدوجهد ڪيئن جاري رهي ٿي، جڏهن ماڻهو پنهنجي ۽ ٻين جي حفاظت لاءِ محنت ڪن.

بهرحال، گل پلازا شاپنگ مال ۾ باهہ هڪ ناقابل فراموش حادثو آهي، جيڪو نه رڳو انساني زندگيءَ جي قيمت کي اجاگر ڪري ٿو پر انتظامي نظام جي تياري، حفاظتي ضابطن ۽ ايمرجنسي رسپانس جي اهميت کي پڻ واضح ڪري ٿو. حڪومت، انتظاميا ۽ شهرين کي گڏجي مستقبل ۾ اهڙن حادثن کان بچاءَ ۽ تيز رسپانس لاءِ قدم کڻڻ گهرجن. جيئن انساني ۽ مالي نقصان کي گهٽائي سگهجي. هي واقعو اسان کي ياد ڏياري ٿو ته شهر ۾ جديد عمارتن ۽ مارڪيٽن جي حفاظت صرف انفراسٽرڪچر تي ڀروسو ڪرڻ سان نٿي ٿي سگهي، پر تنظيم، تياري، تعليم ۽ هر شهرواسي جي تعاون سان ممڪن آهي. گل پلازا جو حادثو هڪ سبق آهي ته انساني زندگيءَ جي قيمت کي پهرين ترجيح ڏيڻ گهرجي ۽ محفوظ ماحول ناهڻ لاءِ سيني سطح تي ڪم ڪرڻ ضروري آهي.

شڪرگذاريءَ جو فلسفو

عبدالله عثمان موراڻي

شڪرگذاري رڳو هڪ لفظ 'مهرباني' چوڻ جو نالو ناهي پر شڪرگذاري هڪ مڪمل روحاني حالت ۽ اهڙو احساس آهي، جيڪو انسان جي روح کي پاڪيزه ڪري ٿو ۽ سندس زندگيءَ کي معنيٰ بخشي ٿو اها هڪ اهڙي دري آهي، جتان اسان زندگيءَ جي نعمتن کي ڏسندا آهيون. جيڪڏهن اسان پنهنجي زندگيءَ جو گهرو جائزو وٺون نه اسان کي معلوم ٿيندو نه اسان احسانن جي هڪ اهڙي سمنڊ ۾ ٻڏل آهيون جنهن جي ڪا حد ناهي. اسان جي وجود جي بقا ۽ اسان جي ترقيءَ جي پٺيان بيشمار هٿ، ذهن ۽ ڪوششون شامل آهن. اسان جي چوڌاري اهڙيون بيشمار شيون ۽ هستيون آهن جن جي اسان کي هر گهڙيءَ مهرباني مڃڻ ۽ چوڻ گهرجي شڪرگذاري رڳو لفظن تائين محدود ناهي پر اِها هڪ رويو ۽ هڪ سوچ آهي، جيڪا اسان جي وجود ۾ سمايل هجڻ گهرجي. اسان جي زندگيءَ جي شروعات کان وٺي ڪيترائي ماڻهوءَ عنصر اسان جي ترقيءَ، خوشيءَ ۽ وجود جو سبب بڻجن ٿا. اڄ نه انهن مان ڪجهه اهم هستين ۽ شين جو ذڪر ڪري انهن کي ڀيٽا ڏيون ۽ سندن مهرباني مڃون.

ماءُ پيءُ، زندگيءَ جو سرچشمو ۽ وجود جي پهرين معنيٰ

شڪرگذاريءَ جي فهرست جو آغاز اسان جي والدين کان ٿئي ٿو سڀ کان پهرين اسان کي پنهنجي ماءُ پيءُ جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي جن اسان کي جنم ڏنو پليو پنهنجي رت ۽ پگهر سان اسان جي پرورش ڪئي. اهي نه رڳو اسان جي وجود جو سبب آهن پر اهي اسان جا پهريان محافظ پڻ آهن. ماءُ جي ممتا جيڪا بنا ڪنهن غرض جي پالي ٿي ۽ پيءُ جو ڇانءُ جيڪو هر طوفان آڏو ڀِت بڻجي بيٺو رهي ٿو. انهن جي ڏنل تربيت ئي اسان جي شخصيت جو بنياد آهي. انهن جون قربانيون، پيار ۽ دعائون ئي آهن جن اسان کي هن دنيا ۾ پنهنجو مقام حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڏني.

جيون ساٿي، زندگيءَ جو اڌ حصو

اسان کي پنهنجي جيون ساٿيءَ جو خاص ۽ دل سان شڪرگذار هجڻ گهرجي زندگي هڪ ڏکيو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڏکيو سفر آهي، جنهن ۾ هڪ اهڙو انسان جيڪو اسان جي خاموشين کي سمجهي، اسان جي ڏک کي ونڊي ۽ اسان جي خوابن کي پنهنجو ڪري، اهو انسان جنهن سان اسان پنهنجي زندگي، خوشيون، ڏک ۽ خواب ونڊيون ٿا. اهو ساٿي جيڪو زندگيءَ جي هر موڙ تي اسان سان گڏ هلي ٿو ۽ اسان جي گهرتوڙي زندگيءَ کي مڪمل ڪري ٿو سو قدرت جي وڏي نعمت آهي. اهو ساٿي جيڪو گهرجي ذميوارين کان وٺي دل جي دلاسيداريءَ تائين هر موڙ تي اسان سان گڏ آهي تنهن جي موجودگي ۽ ان جي محبت ۽ قرباني مهرباني چوڻ جي لائق آهي.

انهن جي به مهرباني جن سان اسان پهرين محبت ڪئي، يعني دل جا استاد

دوست سڪندر بلوچ جي مطابق اسان کي انهن ماڻهن جو به شڪريو ادا ڪرڻ گهرجي جن سان اسان پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن گهري محبت ڪئي هئي. اهي شروعاتي محبتون جيڪي شايد هميشه قائم نه رهيون پر جن اسان کي هميشه لاءِ بدلائي ڇڏيو آهي اسان لاءِ انهن تجربن يعني جذباتي تعلق، پنهنجي ڪمزورين جو ادراڪ قربانيءَ جو جذبو، درد ۽ ان جي شفا جو پهريون ذريعو هيون. صوفيائي فڪر ۾ ان کي عشقِ مجازي چيو ويندو آهي، يعني ڪنهن انسان سان محبت، جيڪا اڪثر عشقِ حقيقي (خدا جي محبت) تائين پهچڻ جي پُل بڻجي ويندي آهي. اهي شروعاتي محبتون دل کي محسوس ڪرڻ سر تسليم خم ڪرڻ ۽ پروان چڙهڻ سيکارينديون آهن. اهي روح کي بيدار ڪنديون آهن ۽ ان کي هڪ اعليٰ ۽ خالص محبت لاءِ تيار ڪنديون آهن.

چاهي اهي پهريون محبتون اسان جي زندگيءَ مان هليون ويون هجن پر اهي اسان کي پهرين کان وڌيڪ داناءُ ۽ باشعور بڻائي ويون. انهن سبقن لاءِ جيڪي هنن اسان کي محبت، صبر، تڙپ ۽ زندگيءَ جي معنيٰ بابت ڏنا، اسان کي انهن جو خلوصِ دل سان شڪريو ادا ڪرڻ گهرجي، جن سڀ کان پهرين اسان جي دلين کي ڇهيو ۽ اڻ ڄاڻائيءَ ۾ اسان کي عشقِ الاهيءَ طرف گامزن ڪري ڇڏيو ڇاڪاڻ نه ڪڏهن ڪڏهن خدا تائين وڃڻ جو رستو ڪنهن انسان سان محبت ڪرڻ سان ئي شروع ٿيندو آهي.

علم جا روشن چراغ استاد ۽ روحاني رهبر

استاد اهي معمار آهن جيڪي انساني ذهن کي گهڙين ٿا. اسان جا استاد جن اسان کي علم جي روشني ڏني صحيح ۽ غلط جي تميز سيکاري ۽ زندگيءَ جي راهن تي هلڻ لاءِ رهنمائي ڪئي. انهن جي تعليم ۽ تربيت ئي اسان کي سماج جو هڪ ڪارائتو فرد بڻائي ٿي. انهن جي ڏنل علم ئي اسان کي اُن قابل بڻايو آهي نه اسين دنيا کي سمجهي سگهون.

اهڙي طرح اهي روحاني استاد جن اسان کي اهو درس ڏنو نه اصل دين انسانيت جي خدمت، سچائي ۽ همدردي آهي. انهن اسان کي اِهو سيکاريو نه خدا تڏهن خوش ٿئي ٿو جڏهن اسين ڪنهن غريب جي مدد ڪريون ٿا. اِهو احساس نه ٻئي جي ڪم اچڻ ئي اصل تعليم آهي، جيڪا ئي اصل انساني تعليم آهي. دل جي نرمائي ۽ همدردي ئي انسان کي انسان بڻائي ٿي. تنهن لاءِ انسان کي اهڙن رهبرن جي به مهرباني مڃڻ گهرجي جن دنيا ۽ آخرت جا سبق سيکاريا.

رشتن جو سهارو ۽ محبتن جا تاجي پيٽا خاندان ۽ سماجي دائرو

اسان جا پاڻ پيترون، مائٽ، پاڙيسري ۽ دوست اسان جي زندگيءَ ۾ رنگ ڀرين ٿا. اسان جي زندگيءَ ۾ پيار، ساٿ ۽ سهارو ڏين ٿا. پاڙيسري جيڪي اوکي وقت ۾ سڀ کان پهريان پهچن ٿا ۽ اهي دوست جيڪي اسان جي ناڪامين ۾ به اسان جو حوصلو وڌائين ٿا. ان ڪانسواءِ اسان سان گڏ ڪم ڪندڙ ساٿي جن سان اسان ڏينهن جو وڏو حصو گڏ گذاريون ٿا. انهن جو تعاون اسان جي پيشيورانه زندگيءَ کي آسان بڻائي ٿو انهن کي به مهرباني چوڻ نه وسارجي.

ترقي يافته ملڪ ۽ بين الاقوامي تعاون: گڏيل فائدي وارو ساٿ (Win-Win)

عالمي سطح تي اسان کي انهن ملڪن ۽ رياستن جو شڪرگذار هجڻ گهرجي جيڪي پنهنجا دروازا غريب ملڪن جي شاگردن ۽ پورهيتن لاءِ کولين ٿا ۽ پاڻ وٽ جاءِ ڏين ٿا. هي هڪ (Win-Win) صورتحال آهي، يعني جنهن ۾ ٻنهي جو فائدو هجي ٿو اهي ملڪ نئين قابليت يعني ذهين شاگردن ۽ محنتي پورهيتن جي محنت حاصل ڪن ٿا. موٽ ۾ غريب ملڪن جي ماڻهن کي بهتر تعليم، روزگار ۽ ترقيءَ جا موقعا ملن ٿا ۽ اهي شاگرد ۽ پورهيت پنهنجن خاندانن ۽ اباڻن ملڪن جي معاشي حالت کي بهتر بڻائين ٿا. هي تعاون دنيا کي هڪ عالمي ڳوٺ (Global Village) بڻائڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو.

زندگيءَ جا حقيقي هيرو هاري، پورهيت ۽ مزدور

اسان کي انهن هارين ۽ مزدورن جي مهرباني مڃڻ گهرجي جن جي ڪري اسان جي دبڪي يا پنڊيءَ تي موجود مانيءَ جو هر گرهہ ۽ ڀڳيو موجود آهي. اسان جيڪو به کاڌو کائون ٿا ان جي پٺيان انهن جي لڪل محنت هوندي آهي. اهوئي انهن هارين جي محنت جو نتيجو آهي جيڪي ٽپندڙ ۽ ٻرندڙ اُس ۽ سخت سرديءَ ۾ ٻنين ۾ پگهر وهائين ٿا ۽ ڏينهن رات محنت ڪري اسان لاءِ اناج پيدا ڪن ٿا. انهن مزدورن جي به مهرباني جن اسان لاءِ گهر اڏيا، رستا ناهيا ۽ شهر وسايا. اسان جي سهولت واري زندگي انهن جي اڻٿڪ محنت جي ڪري ئي آهي.

سائنس، ايجادون، طبي ترقي ۽ جديد زندگيءَ جا معمار سائنسدان ۽ موجد

اڄ جي جديد زندگي سائنسدانن جي محنت جي ڪري آهي سائنسدانن ۽ موجدن جي ڪوششن جي ڪري ئي اڄ اسان جديد سهولتن مان فائدو وٺي رهيا آهيون. اسان کي انهن جي به مهرباني مڃڻ گهرجي جن بجلي، گاڏيون، سفر جا تيز ۽ جديد طريقا ۽ انٽرنيٽ جهڙيون ايجادون ڪيون. خاص طور تي طبي ماهرن جا جن اهڙيون ويڪسينون ۽ دوائون دريافت، ايجاد ۽ تيار ڪيون جن انسان کي خطرناڪ وبائن ۽ موذي مرضن کان بچائي ورتو. اڄ جيڪڏهن انسان جي سراسري عمر وڌي آهي نه اهو انهن محققن جي راتين جي جاڳ ۽ محنت جو نتيجو آهي.

گل پلازا سانحو: ڪراچيءَ جي عوام لاءِ سجاڳيءَ جو وقت!

نور افشان شيخ

مذهبي سوچ رکندڙ ڌرين پاران نه آفتون قدرت جي ناراضگيءَ جو اظهار سمجهيون وڃن ٿيون پر جدت پسند سوچ وارا فرد انهن قدرتي آفتن، روڊ حادثن کي به حڪومتن جي نااهليءَ سان ڳنڍين ٿا.

ڌرتيءَ جي گولي تي آباد ملڪن جي جاگرافي الڳ الڳ آهي، ثقافت الڳ آهي، اهڙي ريت انهن جو حڪومتي ڍانچو به جهڙوڪر الڳ ٿي هجي ٿو ته وري حڪومتي ڪارڪردگي به بنهہ الڳ هجي ٿي. سڌريل ملڪن وٽ قدرتي آفتن اچڻ جي صورت ۾ به پنهنجي عوام کي سهائتا پهچائڻ جي صلاحيت هجي ٿي پر اسان جي ملڪ جي صورتحال بلڪل الڳ آهي، هتي قدرتي آفتن تي صرف تبصرو ۽ تعجب ڪيو ويندو آهي. تازو ڪراچيءَ جي مشهور گُل پلازا ۾ باهہ لڳڻ وارو افسوسناڪ واقعو پيش آيو. جيڪو منهنجي خيال ۾ صرف گل پلازا ئي نه سڙي رهيو هيو، بلڪ پورو ڪراچي شهر پوري سنڌ سڙي رهي هئي.

جيڪڏهن غور ڪيو وڃي ته پاڪستان جو نه بس هڪ نموني طور وجودي ڍانچو ئي باقي بچيو آهي حڪمرانن نه ملڪي ترقيءَ لاءِ ڪجهه بچايو ئي ناهي، پاڪستان کي هن وقت هڪ عظيم ليڊر جي ضرورت آهي، اهڙن نااهلن جي نه جن ۾ ڪا به نمڪ حلالي نظر نه ٿي اچي. گل پلازه سانحي تي سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته پوري سنڌ چو خاموش آهي؟ جيڪي ماڻهو شهيد ٿيا آهن، جيڪي ماڻهو گُم ٿيا آهن، انهن جا گهر وارا ٻاهر ويٺا روئين پيا ۽ اسان جا ڪيمرامين بس وڊيو ناهڻ ۾ پورا آهن. انهن جا ڳوڙها اگهڻ وارو، انهن جو درد محسوس ڪرڻ وارو ڪير به ناهي رهيو! اسان جا حڪمران نه توهان سڀ ڏسو پيا وري ڳالهيون پيا ڪن ڪراچيءَ کي پيرس بڻائڻ جون. ڪراچيءَ جو عوام نه روزانو ڪڏهن ڦورن جي گوليءَ سان نه ڪڏهن گٽر ۾ ڪِرڻ سان نه ڪڏهن باهہ لڳڻ سان نه ڪڏهن ڊمپر هيٺان اچي چيڀاٽجڻ سان نه ڪڏهن بيروزگاريءَ جي ڪري خودڪشيءَ واري موت کي ڏسن پيا ۽ ٻڌن ٿا. ان پلازا ۾ حڪمرانن جي اولاد هجي ها نه شايد انهن کي ڪجهه خبر پوي ها.

حيرت آهي نه ڪلاڪن جا ڪلاڪ فائر برگيڊ وارا نه پهتا، جتي عوام بي يارو مددگار هجي ۽ باقي سڀ تماشو ڏسندا رهن، وڊيو ٺاهيندا رهن. ڪروڙن جي آباديءَ واري شهر ڪراچيءَ ۾ ٿيڻ نه ٿين گهرجي جو ڪڏهن به اهڙو خوفناڪ حادثو پيش اچي نه فوري ايڪشن ڪنيو وڃي. فورن ادارا حرڪت ۾ اچن نه جيئن ماڻهن جون جانيون ضايع نه ٿين پر هتي ٿيندو ايئن آهي جو جيئن ٿي باهہ لڳندي آهي، چاهي اها گل پلازا هجي، چاهي مليينيم مال هجي، جتي ڪجهه عرصو پهرين به اهڙو خوفناڪ حادثو ٿيو هو اها باهہ پاڻ سان گڏ اڻ ڳڻيا لاش ۽ ڪيترا ماڻهو لاپتا ڪري ويندي آهي، هڪ طرف اسان جا نااهل حڪمران جنگين جون ڳالهيون ڪندا آهن، جڏهن نه هُني پاسي هڪ جاءِ تي باهہ وسائڻ جي ڪم مهل نه وقت تي ڪامياب ٿيندي نظر نه ٿا اچن. هڪ وڏو ۽ طاقتور شهر جيڪو سمنڊ جي ڪناري تي واقع آهي، اتي هڪ عمارت کي لڳڻ واري باهہ کي وسائڻ ۾ ناڪامي هڪ نهايت ئي افسوسناڪ حقيقت آهي. ڪراچيءَ جي عوام جي لاءِ هي سجاڳ ٿيڻ جو وقت آهي نه جيڪڏهن اڄ به اسان پاڻ کي نه سنڀاليندا سين نه سڀاڻي ان کان به وڌيڪ حادثا اسان جو انتظار ڪري رهيا هوندا. الله پاڪ سڀني تي رحم فرمائي ۽ جيترا به ماڻهو مشڪل ۾ آهن، سڀني جي مشڪل آسان فرمائي، آمين!

وطن جو سچو سپوت هيمون ڪالاڻي!

پروفيسر ساجده چنہ

جڏهن انگريزن ڏکڻ ايشيا تي قبضو ڪيو، تڏهن ڌرتيءَ جا اصلوڪا وارث آزاديءَ جي حصول لاءِ ڪوششون ڪرڻ لڳا. انهن مسلح ويڙهہ سان گڏ آئيني ڪوششون پڻ ڪيون. گڏيل هندستان جي هر حصي مان بغاوت جا شعلا انگريز سامراج خلاف اٿيا، جنهن کي انگريزن انهيءَ وقت جي جديد هٿيارن جي زور تي ڪچلڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي. 1857ع جي جنگِ آزاديءَ ۾ جيتوڻيڪ هتان جي هِن وڏين قومن هندو ۽ مسلمانن گڏجي انگريزن جي خلاف وڙهي ۽ هزارين جانثار وطن جي آزاديءَ واري جنگ ۾ شهيد ٿيا. اهڙي خوني راند هتان جي نوجوانن جي آزاديءَ جي جذبي ۽ وطن جي عشق کي اجاڻ وڌايو ۽ يورپي سامراج سان هتان جا ارڏا ۽ جوڌا مهاڏو اٽڪائيندا رهيا. انهيءَ دور ۾ آئيني مسئلا حل ٿيڻ لاءِ اڳڀرائي ٿي، سياسي پارٽيون ٺهيون ۽ نوان ليڊر پيدا ٿيا. جن نوجوانن جي حقيقي اڳواڻي ڪري وطن جي حب جو جذبو پيدا ڪيو. تحريڪِ خلافت، جڙيانوالا باغ سانحي غم ۽ غصي کي وڌائي ڇڏيو هو. پهرين ۽ ٻي عالمي جنگين هن خطي ۾ ماضيءَ جيان عظيم هٿياربند پيدا ٿيا، اهڙا هٿياربند جن مهاڀاري جنگين جو آکين سان مشاهدو ڪيو. انگريزن 1843ع ۾ سنڌ فتح ڪري سنڌ کي بمبئيءَ سان ملائي ڇڏيو، جنهن کي بعد ۾ 1935ع جي آئيني ايڪٽ مطابق 1936ع ۾ بمبئي کان الڳ ڪيو ويو. سنڌ جي جوڌن هر دور ۾ پاڻ ملهايو آهي. هيمون ڪالاڻيءَ جي شهادت انهيءَ جو عظيم مثال آهي. سکر جو هيءُ بهادر ننڍڙي عمر وارو آزاديءَ واري جدوجهد جو شهيد آهي، جنهن وطن جي آزاديءَ خاطر پنهنجي جان جو نظرانو پيش ڪيو.

مارچ 1923ع تي پراڻي سکر ۾ پيسو مل ڪالاڻيءَ جي گهر ۾ سندس جنم ٿيو. سندس والد ٺيڪيداريءَ جو ڪم ڪندو هو. هيمون ڪالاڻيءَ جو اصل نالو راهي هيمن هو، کيس پيار مان "هيمون" سڏيندا هئا.

جڏهن سموري هندستان ۾ آزاديءَ لاءِ ويڙهہ جاري هئي ۽ ان وقت جا سورما پنهنجي ڌرتيءَ ماءُ جي آجپي لاءِ جانين جا نذرانا ڏئي رهيا هئا، تڏهن سکر جي هن نوجوان ۾ پڻ سنڌ جي آزاديءَ جي چڻنگ ڌکي هئي. 1942ع جو دور هو، تڏهن سنڌ ۾ "حر تحريڪ" زورن تي هئي، جڏهن نه وچ هندستان ۾ مهاتما گانڌي "هندستان خالي ڪريو" تحريڪ هلائي رهيو هو ان وقت هيمون ڪالاڻي اڃا هاءِ اسڪول جو شاگرد هو.



23 آڪٽوبر جي رات هئي، جڏهن خبر پئي نه فوجين سان ڀريل هڪ خاص ريل گاڏي اچي رهي آهي، جيڪا سکر کان اڳتي گولابارود ڪٽي ويندي. هيمونءَ کي ڄاڻ ملي نه اهو گولابارود ۽ انهيءَ ريل گاڏيءَ ۾ سوار فوجي آزاديءَ جي متوالن لاءِ عتاب ۽ قهر ثابت ٿيندا. ان ڪري هن ۽ سندس ساٿين انهيءَ ريل گاڏيءَ کي ڪيرائڻ جو منصوبو رٿيو. هنن گڏجي وڃي ريل جي پٽڙيءَ کي اکيڙڻ شروع ڪيو. ٺيڪ ساڳئي وقت تي هڪ سپاهي نالي فيروز خان کين (هيمونءَ ۽ ساٿين کي) ڏسي ورتو. هيمون جا سمورا ساٿي ڀڄي ويا پر هميون ڪالاڻي جهلجي پيو. لاڳيتو 22 ڏينهن تائين تشدد ڪرڻ بعد هيمون ڪالاڻيءَ کي نيٺ ڪورٽ مارشل ڪيو ويو. هڪ پيرو بيان دوران چيائين نه مون ريل جي پٽڙيءَ کي ان لاءِ اکيڙڻ ٿي چاهيو نه جيئن ان ۾ سوار فرنگي ناس ٿي وڃن پر منهنجي بدقسمتيءَ جو ان ۾ ناڪام ٿيس. آخر سرڪار کيس ڦاسي ڏيڻ جو اعلان ڪيو. هيمونءَ جي سزا منظور ٿيڻ کان پوءِ سندس وڪيل عبدالستار پيرزادي سندس مامي کي پيغام موڪليو نه "هُو هيمونءَ کان معافي نامي تي صحيح وٺي اچي نه ڪيس معافي ملي ويندي." پر هيمونءَ اهڙي معافيءَ کان نابري واري ڇڏي ۽ چيائين نه مون اهڙو ڪو به ڏوهہ نه ڪيو آهي، جنهن تي مون کي پڇتاءُ هجي ۽ پوءِ معافي چاهجي؟

جڏهن سندس ماءُ ساڻس ملڻ آئي نه هن به کيس اها ڳالهہ ڪئي نه معافي نامي تي صحيح ڪري ڏي پر هن سورهيہ نوجوان ايئن ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

جون ٿا نہ هو جيل ۾ خوش رهندو هو. کيس ٻڌايل ڦاسيءَ جي سزا جو ڪو به خوف نه هو. اتي اڪثر چوندو رهندو هو نه هنن فرنگين کي هن ديس مان پڄائڻو آهي، جي آزاد ٿيس نه ان کان به وڌيڪ ڪم ڪندس جي نه نه پوءِ هڪ بهادر جو موت

اڄوڪو ڏينهن ـ 21 جنوري

شير ميربحر

اڄ ملھ راند جي مشهور پهلوان شير ميربحر جي جنم جو ڏينهن آهي. کيس 'رستمِ سنڌ' جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. هو نه فقط هڪ مشهور پهلوان هو بلڪ هُن سنڌ ۾ ملھ جي مقابلن کي مقبول بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ڪيو. سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا مطابق هن تاليواري پهلوان 21 جنوري 1924ع تي ڪنڊياري تعلقي جي ڳوٺ موسي ديري ۾ جنم ورتو. البتہ ڪجهه حوالن ۾ هِن جي جنم جي تاريخ 21 جنوريءَ بجاءِ 21 جون پڻ لکي وئي آهي. شير ميربحر فقط پنج درجا پڙهيو ۽ 30 سالن تائين سنڌ جي ملاکڙن جو بي تاج بادشاهہ بڻيل رهيو. هن ملھ جي تربيت ڪنڊياري واري استاد لقمان خشڪ ۽ محمد اسماعيل ٻڙديءَ کان ورتي. هيءُ سنڌ جو اهو واحد پهلوان هو جنهن دنيا جي وڏن پهلوانن سان مقابلو ڪيو. هن 1966ع ۾ ڀارت جي مشهور پهلوان گرنام سنگهہ کان حيدرآباد جي نياز اسٽيڊيم ۾ مقابلو ڪيو هو. ساڳئي سال يوگو سلواڪيہ جي پهلوان زسبيڪو کي هالا جي شهر ۾ هارايائين. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي شير ميربحر کي 1974ع ۾ 'ملھ جو قومي ڪوچ' مقرر ڪيو. 1977ع ۾ فوجي ڊڪٽيٽر جنرل ضياءِ الحق کيس انهيءَ عهدي تان هٽائي ڇڏيو هو 28 مارچ 1985ع تي حياتيءَ جي جنگ هارائي وڃي خالقِ حقيقيءَ سان مليو. سندس فن ۽ شخصيت بابت وڌيڪ معلومات مولائي ملاح جي ڪتاب 'شير ميربحر- فن ۽ شخصيت' مان حاصل ڪري سگهجي ٿي.

عبدالغفور السنتي

اڄ سنڌ جي مشهور ليکڪ، محقق ۽ سماجي اڳواڻ مرحوم عبدالغفور السنتيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي. مرحوم ڀلاري ڀٽ ڌڻيءَ جو سچو عاشق ۽ شارح هو. هو 21 جنوري 1931ع تي سجاول ضلعي جي مشهور شهر دڙي ۾ ارباب حاجي محمد صالح ميمڻ جي گهر خوشيون کڻي آيو. مئٽرڪ جو امتحان سنڌ مدرسته الاسلام هاءِ اسڪول مان 1948ع ڌاري پاس ڪيائين. مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ اسڪول جو استاد مقرر ٿيو. نوڪريءَ دوران ٽيڪنيڪل ڪاليج سکر مان سول انجنيئرنگ ۾ ڊپلوما ڪيائين. 1950ع کان 1960ع تائين پيچ ڪاتي ۾ اورسيئر ۽ ايس ڊي او طور ڪم ڪيائين. بعد ۾ نوڪري ڇڏي ٺيڪيداري ڪيائين. عبدالغفور کي لکڻ ۽ شاعريءَ جو شوق ننڍپڻ کان ئي هو. سنڌ مدرسي ۾ شاگرديءَ واري زماني ۾ اسڪول جي شاگردن لاءِ سنڌي اخبار 'جمهور' جاري ڪيائين.

Sindh جي نالي سان 1986ع ۾ ڇپيو. سندس ٻين تصنيفن ۾ 'سنڌي ٻوليءَ کي للڪار'، 'ٻنڌڻ ٻاروچن سين' (آتم ڪٿا)، بالغن جي تعليم لاءِ 'السنتي پهريون ڪتاب' ۽ 'بيت سٽايل سانگين جا' (شاعري) شامل آهن. 1986ع ۾ السنت نالي هڪ سماجي تنظيم جو بنياد وڌائين. انهيءَ تنظيم جو مکيہ مقصد غريب ٻارن لاءِ تعليم جو بندوبست ڪرڻ هو. هن 30 آڪٽوبر 2014ع تي دم ڏٽيءَ حوالي ڪيو.

سيد محسن شاهہ بخاري

سيد محسن شاهہ بخاري پنهنجي دور جو هڪ مشهور تعليمدان ۽ ليکڪ هو. هن 21 جنوري 1938ع تي نوشهري فيروز ضلعي جي ڳوٺ ٽنيا بقا شاهہ ۾ اکيون کوليون. مئٽرڪ هاءِ اسڪول ڪنڊياري مان، بي اي گورنمينٽ ممتاز ڪاليج خيرپور مان ۽ ايم اي (سنڌي) ڪراچي يونيورسٽيءَ مان پاس ڪري ڪاليج ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيو. اڳتي هلي مختلف ڪاليجن جو پرنسپال ٿي ڪم ڪيائين. 1999ع ۾ رٽائر ٿيو. سيد محسن شاهہ جي تصنيفن ۾ 'خيرپور جا ڏينهن'، 'خود نوشت سوانح سيد محسن شاهہ بخاري'، 'سردار لهجو سار'، 'نماز بابت بنيادي ڄاڻ' ۽ 'ٻارهين ڪلاس لاءِ سنڌي نصاب جي گائيڊ' شامل آهن.

قمر پٽي

اڄ اڳوڻي شاگرد اڳواڻ، قوم پرست ليڊر ۽ ليکڪ مرحوم قمر پٽيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي. هن 21 جنوري 1958ع تي ڳوٺ فيض محمد ڪوڪر، تعلقي نصيرآباد، ضلعي قمبر شهدادڪوٽ ۾ اکيون کوليون. ابتدائي تعليم پراڻي باڍهہ جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪيائين. مئٽرڪ 1973ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول باڍهہ مان، انٽرميڊيئيٽ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي مان 1975ع ۾، بي اي ۽ ايم اي (ايڪانامڪس) سنڌ يونيورسٽيءَ مان ۽ ايل ايل بي لا ڪاليج لاڙڪاڻي مان 1993ع ۾ پاس ڪيائين. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ شاگرديءَ دوران قوم پرست سياست جي شروعات ڪيائين ۽ سائين جي ايم سيد جي ويجهو رهيو. هو جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو مرڪزي صدر ۽ جيئي سنڌ قومپرست پارٽيءَ جو چيئرمين رهيو. قومي جدوجهد ۾ 14 سال قيد ڪاٽيائين ۽ 30 ڦٽڪن جي سزا به ڀوڳيائين. ٽن سالن لاءِ پيسٽيبڪيٽ به ٿيو.

مختيار انڙ

ڪجهه ٻين حوالن ۾ 21 جنوريءَ بجاءِ 12 جنوري پڻ لکي وئي آهي هن جي والد جو نالو ڏٽي بخش مگسي آهي هن ابتدائي تعليم ڳوٺ گل محمد مگسي ضلعي دادوءَ مان حاصل ڪئي مئٽرڪ ۽ انٽرميڊيئيٽ جا امتحان دادوءَ مان پاس ڪيائين. اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ جي لائبريري سائنس واري شعبي مان ماسٽر ڊگري حاصل ڪيائين. عملي زندگيءَ جي شروعات ڪراچيءَ ۾ لينگويج ٽيچر طور ڪم ڪيائين. ڪجهه عرصو سيتا ۾ جونيئر اسڪول ٽيچر به رهي پر اتان استعيفا ڏئي گورنمينٽ ڪاليج فار وومين ۾ لائبرين مقرر ٿي ۽ مختلف ڪاليجن ۾ لائبرين طور ذميداريون سنڀاليائين ادبي دنيا ۾ ناول نگار ۽ مضمون نگار طور پنهنجي سڃاڻپ رکي ٿي. سندس ڪتاب 'تاريخ ۽ شعور جي ساڄاهہ' ڇپجي چڪو آهي.

ڪامريڊ عبدالقادر ميوا خان ڪوڪر

سنڌ جي غريب هارين جي حقن لاءِ سڄي عمر وقف ڪرڻ واري هن ڪامريڊ جو جنم 1908ع ڌاري لاڙڪاڻي ضلعي جي ڏامراهن جي ڳوٺ ۾ ٿيو. سندس پيءُ هڪ غريب هاري هو. هو صبح جو اسڪول ۾ پڙهڻ ويندو هو ۽ شام جو ٻنين ۾ پنهنجي پيءُ جو هٿ ونڊائيندو هو. پنج درجا پڙهڻ کان پوءِ غربت سبب ڪجهه عرصو پڙهڻ ڇڏي ڏنائين. شابس هجي بئريسٽر جان محمد جوڻيجي کي، جنهن هن کي پنهنجي خرچ تي سنڌ مدرسته الاسلام ڪراچيءَ ۾ داخل ڪرايو جتان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪري ڪراچي پورٽ ٽرسٽ ۾ ڪلارڪ مقرر ٿيو. انهيءَ نوڪريءَ دوران پورٽ ٽرسٽ جي ليبر يونين جو ميمبر ٿيو ۽ اڳتي هلي يونين جو اهم اڳواڻ بڻجي ويو. هو هر وقت مزدورن جي ڀلائيءَ وارن ڪمن ۾ رڌل رهندو هو. 1930ع ۾ ميرپور خاص ۾ پهرين سنڌ هاري ڪانفرنس منعقد ٿي. ڪامريڊ عبدالقادر انهيءَ ڪانفرنس جي مک منتظمين مان هڪ هو. هن ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ سان گڏ سڄي عمر هارين جي حقن لاءِ آواز اٿاريو. سنڌ هاري تحريڪ جي هن مجاهد 21 جنوري 1965ع تي وفات ڪئي.

علي محمد شيخ



علي محمد شيخ سنڌ جو هڪ بيباڪ صحافي پبلشر ۽ سماج سڌارڪ هو.

سرمست آرٽس ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيائين. جناح لا ڪاليج حيدرآباد مان ايل ايل بي جي سند به حاصل ڪيائين صحافتي زندگيءَ جي شروعات 'روزاني هلال پاڪستان' سان ڪيائين ان زماني ۾ اها اخبار حيدرآباد مان ڇپجندي هئي اڳتي هلي پهريائين 'روزاني ڪاروان'، پوءِ 'روزاني عبرت' ۽ ان کان پوءِ 'روزاني هلال پاڪستان' جو ايڊيٽر مقرر ٿيو. سندس ادارت ۾ انهن اخبارن خاطر خواهہ ترقي ڪئي 1974ع ۾ هن حيدرآباد مان 'روزاني آفتاب' جاري ڪئي پاڻ عمر جي آخري گهڙيءَ تائين انهيءَ اخبار سان سلهاڙيل رهيو. آفتاب اخبار خاص طور تي سنڌ جي سجاڳ ذهن ۽ شاگردن ۾ ڪافي مقبول هئي. هو 1977ع ۾ پاڪستان جي مجلس شوريٰ جو ميمبر ۽ 1985ع ۾ سينيٽ جو ميمبر چونڊيو ويو. هن 21 جنوري 1991ع تي وفات ڪئي.

احمد مجتبيٰ غالب



احمد مجتبيٰ غالب هڪ ديني عالم ۽ اديب هو. هو پهرين آگسٽ 1932ع تي دادو ضلعي جي شهر ملڪاڻي شريف ۾ تولد ٿيو. ان وقت جي دستور مطابق عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم ورتائين ۽ ڳلوڳڏ سنڌي فائنل جو امتحان به پاس ڪيائين. ادب، شاعري ۽ مذهب سان عشق هئس شاعريءَ ۾ حافظ محمد احسن چنہ ۽ محمد بخش واصف کان اصلاح وٺندو هو. سندس رهائشگاهہ تي سنڌي ڪتابن ۽ خاص طور تي ديني ڪتابن جي هڪ وڏي لائبريري موجود هئي. 60 کان وڌيڪ ڪتاب لکيائين جن ۾ سندس شاعريءَ جو ڪتاب 'ماڪ ڦڙا' به شامل آهي. ادبي سرگرمين ۾ ڀرپور حصو وٺندو هو. پاڻ ادبي تنظيم 'انجمن آفتاب' جو جنرل سيڪريٽري ۽ 'جوهر ادب' جو سيڪريٽري رهيو. 'بزم غالب' جي نالي سان هڪ ادبي تنظيم جو بنياد به رکيائين. سندس وفات 21 جنوري 2008ع تي ٿي.

حاجي امام بخش خادم بدوي

حاجي امام بخش خادم بدوي بلند پائيءَ جو شاعر ڊراما نويس ۽ قصا لکڻ جو ماهر هو. هن جو جنم محمد بچل بدويءَ جي گهر شڪارپور ۾ ٿيو. هن شڪارپور ۾ تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ استادن جي سکيا وارو ڪورس پاس ڪيو ۽ پرائمري اسڪول جو استاد مقرر ٿيو. سنڌ جي مختلف شهرن جي اسڪولن ۾ ٻارڙن کي علم جي زيور سان آراستہ ڪري 1912ع ۾ رٽائر ٿيو. لکڻ جو شوق ننڍپڻ کان ئي هئس. سندس شاعري ان وقت جي ادبي رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجندي هئي ۽ پاڻ مشاعرن ۾ به شوق سان شريڪ ٿيندو هو. هن ڪيترائي مشهور